# سهراط

اء ١٩٨٨/٢ ع



بسم الله الرحمن الرحيم

قرآن ڪريم جون مقدس آيتون ۽ نبي ڪريم جون حديثون توهان جي ديني معلومات ۾ اضافي ۽ تبليغ لاءِ شايع ڪيون وڃن ٿيون. انهن جو احترام توهان جو فرض آهي. ان ڪري جن صفحن تي اهي آيتون هجن. تن کي صحيح اسلامي طريقي مطابق بي حرمتي کان محفوظ رکيو وڃي.

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٣٧] [نمبر ١-٢

جنوري — جون

١٩٨٨ع

---

چيف ايڊيٽر

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

ايڊيٽر

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

معمور يوسفاڻي

انچارج ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو/حيدرآباد سنڌ

# مــهــراڻ

سنڌي ادبــي بــورڊ

اسٽيشن روڊ، ڄامشورو، سنڌ

The "MEHRAN", Quarterly
Vol: 37, No. 1-2, 1988
[Established in 1955]

- An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.
- Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi language and literature.
- Contemporary Creative Literature, History, Civilization, Lexicography, Education, Music, Folklore, Archaeology and General Culture of Sind are the main topics of material usually published in this periodical.
- Besides translations of world literature are also presented.
- All correspondence about publication be addressed to:
  Nafees Ahmad Shaikh
  Editor Incharge 'Mehran'
  Sindhi Adabi Board,
  @ Jamshoro (Post Code 76070) Via: Hyderabad, Sind, Pakistan.
  Tel: (0221) 71176
- Can be had from:
  Manager Book stall
  Sindhi Adabi Board, Tilak Incline, Hyderabad, Sind.
  Tel: (0221) 24264

[سرورق بشڪريہ: سنڌالاجي۔ سلائيڊ: حسن علي عطار]

خريداريءَ لاءِ خط و ڪتابت

مئنيجر بوڪ اسٽال

سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد (فون: ٢٤٢٦٤)

ساليانو چندو: ٧٥-٠٠ رپيا     في ڪاپي: ٢٠-٠٠ رپيا

Printed & Published by Mr. Habibullah Siddiqui Secretary Sindhi Adabi Board at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Jamshoro, Sind Pakistan.



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# گــذارش

**(ايڊيٽوريل)**

سنڌي ادبي بورڊ کي قائم ٿئي اڄ ٣٦- سال ٿيا آهن. قومي ادارن جي زندگيءَ ۾ ايترا سال ٿورا به آهن ته گهڻا به آهن. انهيءَ عرصي دوران ڪن اداري طرفان ڪل ٣٥٠. ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن، جيڪي موضوعن ۽ افاديت جي لحاظ کان ۽ هلندڙ وقت جي اهم ضرورت پٽاندر بورڊ جي اشاعتي ڪاميٽيءَ جي صلاح ۽ منظوريءَ سان ڇاپيا ويا آهن. انهن ڪتابن مان هيل تائين وڏي تعداد ۾ ناياب ٿي چڪا هئا، جن کي دوباره شايع ڪرڻ لاءِ خاص اپاءَ ورتا پيا وڃن. ان ڏس ۾ ڪافي ڪتاب مثلاً پرشن پوئٽس آف سنڌ، جنت السنڌ، اهي ڏينهن اهي شينهن، سنڌ جو سينگار، سائو پن يا ڪارو پنو ۽ برهانپور ڪي سندهي اولياء، ٻيهر ڇپجي چڪا آهن. جن مان برهانپور ڪي سندهي اولياء جي رونمائي جي تقريب گذريل رمضان شريف ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿي گذري.

تازو رسالي پيغام ۾ مسٽر حبيب الله صديقي سيڪريٽري س.ا.ب جو انٽرويو شايع ٿيو آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته بورڊ جي نئين پاليسيءَ مطابق آئنده بورڊ جي اشاعت ۾ ٻه ڀاڱي ٽي حصو جديد ادب جو ۽ باقي حصو قديم ۽ ڪلاسيڪل ادب کي ڏنو ويندو. هي وقت جي هڪ اهم ضرورت آهي ۽ پڙهندڙن جي اڪثريت جو ڪافي عرصي کان اهو مطالبو پئي رهيو آهي.

ذاتي ڪتب خانن قائم ڪرڻ جي رٿا متعلق معلوم ڪري اميد پيدا ٿي آهي ته سنڌي ادبي بورڊ ڪتابن لکرائڻ ۽ شايع ڪرائڻ کان علاوه مطالع جي شوق کي وڌائڻ لاءِ ۽ سنڌ جي هڪ قديم روايت کي زنده ڪرڻ طرف قدم وڌائي رهيو آهي.

معلوم هجي تہ انگريزن جي اوائلي دور تائين سنڌ جي خانداني حويلين، اوطاقن مسجدن ۽ مدرسن ۾ معياري ڪتب خانا قائم ڪرڻ جي روايت پئي رهي آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين اهڙا لاتعداد مثال اسان وٽ موجود آهن، جو گهرن ۾ ذاتي ڪتب خانا قائم آهن.

اداره مهراڻ مٿي ڄاڻايل تبديلين کي اميد افزا دلچسپيءَ سان جاچي رهيو آهي. هن وقت سنڌي ادبي بورڊ کي جيڪا ڇپائي جي جديد ٽيڪنالاجي ۽ افرادي صلاحيت ميسر آهي، ان کي ڏسندي مخصوص ٿئي ٿو، تہ بورڊ جي انتظاميہ، بورڊ آف گورنرس ۽ مخلص ڪارڪنن جا انقلابي ارادا ڪو رنگ رچائڻ وارا آهن. مهراڻ جي پڙهندڙن، سڄاڻ سنڌ واسين خواه پرديسي سڄڻن مان پڻ بجا طور تي اها توقع ڪري سگهجي ٿي تہ هو سنڌ جي هن ممتاز ادبي اداري جي ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيندا.

اداره مهراڻ پڻ پنهنجي سٽا ۾ نواڻ پيدا ڪري رهيو آهي. فيصلو ڪيو ويو آهي تہ ايندڙ پرچي کان هڪ حصو سنڌ جي تاريخ متعلق تحقيقي مواد لاءِ وقف ڪيو ويندو، جنهن بعد پڙهندڙن جي راءِ سان مزيد تبديليون آنديون وينديون. انهيءَ باري ۾ سنڌ جي عالمن، اديبن، محققن ۽ ماضيءَ جي پنڌ پيرن جي ڳانڍيٽڙن کي گذارش آهي تہ هو هن ڪم ۾ اداره مهراڻ جو ڀرپور ساٿ ڏين. — ادارو



وطن جيون اچو تہ شيون واپرايون، نہ ڪڏهن ايندڙيون هرگز شيون ڪي ٻاهريون،
ٻين کان ٿي اهڙو سبق پل پرايون، ڪي سوچو تہ ڇو پاڻ کي ٿا ڦرايون،
وطن جي محبت جي آهي علامت،
تہ ان ۾ سڌارو ڪريون ساڻ صنعت.

محبت ۾ هرگز نہ گمراهہ آهيون، جو ٻئي ملڪ جا پڻ نہ بدخواهہ آهيون،
مگر ڇا ڪيون هڪ ۾ ٿيا ٻاهہ آهيون، جيتوڻي پنهنجي ملڪ جا شاهہ آهيون،
اسان کي بہ حق آهي جڳ ۾ جيئڻ جو،
اسان کي بہ حق آهي کائڻ پيئڻ جو.

وطن جوئي ڇوڙيون، وطن جوئي ماڻيون، وطن جو هنڊايون، وطن جو ڪم آڻيون،
ڪپهہ کي ڪتيون ۽ ڦتيون آڻيون تاڻيون، ٽيون بسڪٽ کان بهتر پنهنجي ڳڙجون ڏاڻيون،
پنهنجي ملڪ جي ٿي وڃي خشڪ روٽي،
وڃي ٿي وطن جي بہ قاتل لنگوٽي.

ٿيو هيٺو آهي حال اهلِ وطن جو، ويو ملڪ مان مال، اهلِ وطن جو،
ٿيو اولڊو اقبال اهلِ وطن جو، ويو ٻيهي گهڙيال اهلِ وطن جو،
وري تن کي خوشحال ڪر تون خدايا!
دعا لاءِ در تنهنجي تي آهيون آيا.



# آه! آفتاب نظاماڻي!

سنڌي زبان جو مشهور اديب جناب آفتاب نظاماڻي، ١٨- جون وارن تڪليف ده لساني فسادن دوران، لطيف آباد حيدرآباد ۾ جنونيت جو شڪار ٿي ويو! معصوم، شريف النفس، نهايت پياري ۽ ٻاجهاري آفتاب نظاماڻيءَ جي عمر چاليهه کن ورهيه هئي. سانگهڙ ۾ جديد سنڌي ادب ۽ صحافت جي ترقيءَ لاءِ آفتاب وڏو منڊل مچايو وينو هو. گروهڙي ساهت سنگت ۽ پبليڪيشن پاران ڪيتريون ئي ادبي ۽ ثقافتي محفلون مچايائين ۽ سنڌي ادبي سنگت سان به وابسته رهيو. صحافت سان به سا ڳي دلچسپي هئس. سنڌس ڪهاڻين جا ٻه ڪتاب "ارپنا" (١٩٨٢ع) ۽ "اوهيرا" (١٩٨٤ع) شايع ٿيل آهن. سانگهڙ جي ادبي مجلسن جي جان آفتاب هو، جيڪو پنهنجن پيارن ادبي ساٿين الهورايو اداسي، اسحاق مگريو، بخش مهراڻوي، ڪاشف نظاماڻي، عزيز گوپانگ، معصوم سانگهڙائي ۽ ٻين سان گڏ ادبي هلچل ۾ رات ڏينهن مگن رهندو هو. آفتاب ذاتي طرح نهايت خوش خلق، ملنسار، هر دلعزيز، سپاجهو ۽ سچو انسان هو، جنهن کي ياد ڪندي سنڌ جا سڀئي ادبي حلقا اڄ آداس آهن! آفتاب جي قاتلن جي گرفتاري ۽ کين ڪيفرڪردار تائين پهچائڻ جي تقاضا روز اخبارن ۾ ورجائي پئي وڃي.

آفتاب نظاماڻيءَ جي اندوهناڪ قتل تي اسان اداره سهراڻ طرفان غمزده آهيون ۽ سخت مذمت ڪندي، عدل ۽ انصاف جي تقاضا ٿا ڪريون. آفتاب جي معصوم ٻچڙن، خاندان جي ڀاتين ۽ دوستن سان تعزيت ۽ همدردي ڪريون ٿا.

# فهرست

## شاعريءَ جو ڀاڱو


| | | | |
|---|---|---|---|
| مخدوم طالب المولا | ١ | سوز هالائي | |
| تنوير عباسي | | حبيب الله صديقي | ١٥ |
| اياز همايوني | ٢ | ذوالفقار سيال | |
| بشير موريائي | | امير بخاري | ١٦ |
| شمشيرالحيدري | ٣ | ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ | |
| امداد حسيني | ٤ | مخدوم جميل الزمان | ١٧ |
| تاج بلوچ | ٥ | مقصود گل | ١٨ |
| عنايت بلوچ | | مختار گهمرو | |
| مظفر حسين جوش | ٦ | مسرور سيال | ١٩ |
| امين فهيم | | خليل عارف سومرو | |
| محبوب سروري | ٧ | متل جوکي | ٢٠ |
| احسن الهاشمي | ٨ | ضمير ڦل | |
| عبدالقيوم صائب | ٩ | احمد حسين ٽالپر | ٢١ |
| انور هالائي | | پشپا ولڀ | |
| رحيم بخش قمر | ١٠ | بخشڻ مهرانوي | |
| آصف مصرائي | | ڪيمچند شرما | |
| محسن ڪڪڙائي | ١١ | فهيم انصاري | ٢٢ |
| نواز علي شوق | | ارم محبوب | |
| نثار بزمي | ١٢ | عزيز ڪوهانسگ | |
| وفا پلي | | امام راشدي | ٢٣ |
| تاج جويو | ١٣ | فرخ ناهيد ميمڻ | |
| اياز گل | | لائق ٿيبو | |
| ادل سومرو | ١٤ | اصغر هالو | ٢٤ |

تنَ تنيدو آهه، منکي ڏيهاڻي مکنڙي،
سانباهي سمونڊ جي، سَٽان مٿور مَ لاهه،
اڄ ڪِ سنجهه صُباح، آهرندي اتانگهه تڙين.
— شاهه

# شاعري

# لطيفي لوچ

ڪھڙيا سي چڙھيا، اُٿين اُٿئي،
مٿي متي مھراڻ ۾، پڌو نڌو ڏيٺي،
تہ سيھار مليئي، سنئوڙو سيٺاھ سين.

بندر جان ڀئي، تہ سڪائيا مَ سھو،
ڪھر توڪنَ ڪري، جيئن مانئي منجھہ مھي،
ايڏو ستّور سھي، لنڊ نہ ڪجي ناڪٿا!

تنيءَ ٿڌيءَ ڪاھہ، ڪانھي ويل وھڻ جي،
متان ٿئي اولاھہ، ڀير نہ لھين پرينءَ جو.

— شاھہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ

## ڪافي

اسان لاءِ ڪافي فضيلت فقيري،
ڪنهن ڪر نہ آئي، هي مخدومي، پيري.

سڑئي زهد ظاهر جا آهن تباهي،
ڪِجهان ڪِجهہ نہ هي تي عبادت الاهي،
الهي رمز ۾ ٿي رڪيل بي نظيري.

سڪا ڏاڪا ڦيٽا چِندا ۽ چوڪارا،
اهي چڻ تہ آهن ڪُلِي نانگ ڪارا،
ڪير ڳالهہ ولله بلڪل بصيري.

اسان ڪي تہ سرڳو مصلي تي ماريو،
۽ تسبيحي تالن تڏو تي اُتاريو:
پڪي ڪالہ اسان ڳان بنهہ بي ضميري.

اندر ڪي نہ هرگز عبائن اجاريو،
نڪي قلب ڪڏهين قبائن قراريو،
ڪٿي عشق آخر اچي دستگيري.

اسان جو نہ اڳواڻ امراءِ آهي،
اسان جو مٿي-موڙ فقراءِ آهي،
اسان جي فقط آهہ شاهي شبيري.

بحمدالله ڪنهن وٽ نہ وڪجي سکياسون،
ٿياسون جي ڪنهن جا تہ هُولهئين ٿياسون:
ڏني سون نہ ڪڏهين ڪبيري صغيري.

هي دنيا جي آزادي پابندي آهي،
۽ پابندي هر طرح آزادي آهي،
قبولي سون تڏهين هي عشقي اسيري.

بالڪل دهل اڄ ڪُلي هي چئون ٿا،
نہ پرواهہ ڪائي ڪنهن جي رکون ٿا،
رکوئي حبين جي آڏو حقيري.

جو مولا جو طالب، سو ٻئي جو نہ طالب،
هميشه رهي غير تي خوب غالب،
قلندر جي آهي ڪُلين تي قهري.

## تنوير عباسي

•

ساڄن کھولکھڻ کوليو
سرڪي ٻھ ٻھ ٻوليو
جرڪيو جرڪيو جھرڙو

ورهه وجود ۾ منهنجي، مصري ء وانگر گھوليو
جرڪيو جرڪيو جيئڙو

ڏله ۾ چنڊ جيو چھرو، چولين هئي ڇاڇوليو
جرڪيو جرڪيو جيئڙو

سولي ڏيئڙو ساٿي، جنهن هٿي رڻ ۾ روليو
جرڪيو جرڪيو جيئڙو

مرڪي مهر ڪيائين، ڏوليو نيٺ تہ ڏوليو
جرڪيو جرڪيو جيئڙو

آسهون سامهون ويهي، تو ”تنوير“ سان ٻوليو
جرڪيو جرڪيو جيئڙو

## نياز همايوني

### سنڌ جي عظمت جو گيت

جيئي سنڌ، سياڳي سنڌ، هي سونهاري سنڌ!
جيجل سنڌ، سهاڳڻي سنڌ، سرجٺاري سنڌ!
جيئي سنڌ-جيئي سنڌ!

هي سرڳادا سان سهائيدي، مٺيا سرم واري،
سڀ جي ڀلائي گھري سدائين، ڀلي ڀرم واري،
اهڙي آرين، اهڙي ٻارين، ڀلئون ڀلاري سنڌ!

اپرن سپرن کي سرچائي سڀ سان ڀال ڀلائي ٿي،
مهر مهابي جڳ ورسائي، پنهنجو ڀاڻ ملوائي ٿي،
پيار لڪائي اهڙو جهڙي، ڀاڻ پياري سنڌ!

جيڪي جمسيا، جيڪي ڦميا، هڪيا تڪيا سڀ،
سيئي ڀالي سيئي تاتي، آجيا ٻڪيا سڀ،
جيڪو ساٿي تنهن سان سنمک، ڌارڻي ڪارڻ ڌاري سنڌ!

سنڌو ياڳ سياڳ جي، روپي سوني ريکا سنڌو،
اسرت اوتي ڳلن ڦلن جي ڪري ڦي ورڪا سنڌو،
سنڌو ساگر آھ تہ ساگر وانگ سگھاري سنڌ!

## بشير موريائي

### ڪربلا

اتر لڳو اڻانسو تہ سڀ کيت خشڪ ٿيا،
آبادڪار اهنج ڪان شهرن طرف ڀڳا،
سادن سپاجهڙن کي خبر ڏي ٿي اہ ڪا،

رستي ۾ بيوسي جي هين منتظر فرات،
پاڻي جي بوند بوند تي پهرو هو ڏينهن رات،
مرندي مري ويا نہ ملين اڄ ڪان نجات،

گونجي رهي آ ظلم جي صحرا ۾ ڪا صدا،
هر وقت منهنجي ذهن ۾ برپا آ ڪربلا.

## شمشير الحيدري

●

تون نہ آئين تہ سنڌ ياد چو آئي آهي،
ڇا مان سمجهان تہ هرڪ آس اجائي آهي.

شام ٿيندي ٿي دکڻ ٿي لڳي دل جي دونهين،
شمع والڪي مون سڙي رات وڃائي آهي.

زندگي زهر ڪير توکي وسارڻ خاطر،
ڪهڙي حالت مون عجب پنهنجي بنائي آهي.

مان تہ منزل ڪان ڪهڻو اڳتي هليو ويو آهيان،
تو ڪيڻي موت جي اڄ سٽين لڳائي آهي.

# تاج بلوچ

زندگي کھاري ۾ ٿي گمنام تنهنجي شهر ۾،
پوءِ پيو سئو سئو لڳا الزام تنهنجي شهر ۾.

بند ڪوٺڙيون سينهن کان ۽ شام تنهنجي شهر ۾،
شخص کو رسوا ٿيو بي دام تنهنجي شهر ۾.

ورهيه ورهين جو ۽ آئي آهين، لحظي واسطي،
هر گهٽيءَ ۾ شور آ، ڪهرام تنهنجي شهر ۾.

رنگ ۽ خوشبوءِ جا سارا سلسلا، تنهنجون گهٽيون،
دل جو پر ويران آهي گام تنهنجي شهر ۾.

تنهنجي گهر ۾، صبح جي ٽهڪن جو هولڊو سوجهرو،
مونکي ٿي وئي روئندي روئندي شام تنهنجي شهر ۾.

تنهنجي در تي عاشقن جا مون ڏٺا ڪيئي هجوم،
پوءِ تنها مان ٿي چيو بدنام تنهنجي شهر ۾.

نانءَ ڪيئي ٿي پيا منسوب تنهنجي نانءَ سان،
پر مليو مون کي نه آهي نام تنهنجي شهر ۾.

منهنجي چاهت جو ڪرشمو، تنهنجي نفرت جو ڪمال،
تنهنجو نالو ٿي ويو بدنام تنهنجي شهر ۾.

پيار تنهنجي کان سواءِ، ڪنهن تي نه اک، منهنجي پڌي،
هولئن ڏاڍا ٿي پڳا پيغام تنهنجي شهر ۾.

سال گذريا، ڳوٺ مان نڪتو هو ڳيرو ڇوڪرو،
ڪير اهو آهي ڪٿي گمنام تنهنجي شهر ۾.

گفتگو تنهنجي نه موهي "تاج" کي ماري ڇڏيو،
ورنه توکان خوب ها گلفام تنهنجي شهر ۾.

## عنايت بلوچ

●

جڏهن به توسان ملندو آهيان،
دل ۾ لچندو ڪڏندو آهيان.

چند گهڙين جي مهلت ۾ ئي، توسان ويهي رهندو آهيان.
دل تي ڇا ٿو گذري جنهن دم، تو وٽ ويهي اٿندو آهيان.
تو وٽ ڪهڙو جادو آهي، هر هر ڍهندو ٺهندو آهيان.
تنهنجي جڪڙيل پالهن اندر، ڀاڻ ڪي گولي لهندو آهيان.
نظرن ساڻ سلائي نظرون، توکي گهوري ڏسندو آهيان.

## مظفر حسين جوش

### گيت

پاڪ ڦٽيءَ جا پريت گهرولدا قسمت ڇڏيا ڊاهي.

سڌر سڌر سُر ساڻ ڀڏائي تون ڪا پيار جي لوري،
ڪهڙي خبر ڪنهن وقت لٿي ٿي منهنجي ساهه جي ڏوري،
منهنجي سوز ۽ تنهنجي سُرَ ۾ ڪو لاڳاپو آهي.

تنهنجي روح ۾ منهنجي پيار جي هلڪي هاڪي بانس،
منهنجو روح ازل کان اجيو تو لئه رهي اداس،
روح ساڻ روح ٿو پريتر پنهنجو ناتو لباهڻ چاهي.

تنهنجي در تي آئي آهيان جهلي ساڻ پنهنجي جهول،
مون سوالڻ کي دان ڏي پنهنجا منٺڙا ٻول،
تو در آيس دنيا کان سڀ لڄ لاڳاپا لاهي.

جيون جي رستي تي مليا آهيون قسمت سالڪي،
ڪهڙي خبر تو ڪير اسان ساڻ هڪ ٿي لاءِ تانگهي،
پيار جي منزل ڏور ۽ ڦورو جيون جو پنڌ آهي.

## احسن الهاشمي

صبح ڪو ڳولهي تہ ڏيو پويون پهر ڳولهي تہ ڏيو،
غم نہ جنهنجي رات ۾ اهڙي سحر ڳولهي تہ ڏيو.

حسن وارو ڪوبہ هڪڙو ڪٿہ ور ڳولهي تہ ڏيو،
آہ ۾ ڪنهن عشق واري جي اثر ڳولهي تہ ڏيو.

نا اميدي، بي ڪسي، ارمان، حسرت، آرزو،
تن ڳان آجو مون کي ڪو ابنِ بشر ڳولهي تہ ڏيو.

هڪ نظر سان جنهن دلين ذهنن ۾ آندو انقلاب،
دوستو اهڙو ڀہ ڪو اهلِ نظر ڳولهي تہ ڏيو.

هر مصيبت کي وساري مسڪرائي موت تي،
اهڙي دل ڳولهي تہ ڏيو اهڙو جگر ڳولهي تہ ڏيو.

پنهنجي سورن ۾ تہ سڀڪو روز شب روئي پيو،
پين جو همدرد همدم چشم تر ڳولهي تہ ڏيو.

سرو قد سهڻي ۾ اميدِ وفا و دلبري،
باغبانو سرءُ ۾ گل ۽ ثمر ڳولهي تہ ڏيو.

الفت و ايثار، همدردي، مروت ۽ خلوص،
مون اوهان بيشڪ ٻڌا آهن مگر ڳولهي تہ ڏيو.

عشق ٿيو روزِ ازل ڳان ئي سراپا اعتبار،
حسن جي حدِ نظر ۾ معتبر ڳولهي تہ ڏيو.

سڀ مسافر منزلِ فردا ڳان آهن بي خبر،
ڪوبہ هڪ مصروف محتاطِ سفر ڳولهي تہ ڏيو.

درد وارن جي دوا جت آرزومندن علاج،
حيدرِ صفدر جي در جهڙو ڪو در ڳولهي تہ ڏيو.

دشمنن تي مهربان ۽ مهربانن جو غلام،
مون کي پيو ڪو احسنِ آشفتہ سر ڳولهي تہ ڏيو.

- عبدالقيوم صائب

## غزل

ٻرين ڪي سويرو وڃي چنچ ڪانگا،
تہ لڪا اٿو لڄ رکڻ لاءِ الانگا.

اوهان ڳوٺ وارا سنڀاليو انهن کي،
جي ٻوٻان ڇڏيو ٿا وڄون هاڻ چالڪا.

اسان ڀروسو آهہ ان ۾ رکيو بس،
چون جنهن کي ”الله اڪبر“ ٿا ٻالڪا.

اسان هر منافق جون ٻاڙون ڀٽڻ لئہ،
وڄون ٻار ڀولڊا لنگهي لڪ اڙالڪا.

ڀري سالڪ سهڻو سڄڻ جيڪي نڪتا،
انهن سان هلي ڪين سگهندا ڀسانڪا.

نوان نسل پنهنجي ڪري ٻيٺا آهن،
ڪٿي ٿا ٻراٿا ٻڄن تن سان ٿالڪا.

اسان پنهنجي وهرين تي ثابت ڪيو آهہ،
اسان سان سهاڏا ها ڏاڍا مهالڪا.

اسين پنهنجي ڌرتيءَ جا دولهہ دلارا،
نہ رکنداسين ڪنهن ٻر سرن جا ڪي سالڪا.

ٻنيان ڳوٺ وارن کي ٻالڊي ٿي چنجو،
وڙهي ٻاڻ ۾ خود ٿجو ڪير ڊالڪا.

اسان وٽ مرن جي ٿي بازي لڳي ٿي،
اهي ٻيا ڪي هوندا، جي هوندا سهالڪا.

خدا ڪاميابي عطا تن ڪري ٿو،
يقين سان ٿي ”صائب“ آئن ٿا جي ٿانڪا.

## وفا پلي

●

آهُ چوڏهين جا چنڊ موتي آهُ،
ڏاڍي آهير اڪنڊ موتي آهُ.

دور آخر بہ تو وچين چا لڻ؟ — تي رهون ڪير ڪنڊ موتي آهُ.
مون کي برباد آ ڪري ڇڏيو، — تنهنجي محبت جي منڊ موتي آهُ.
ڪير پنهائي کي تو پائي سگهي، — اي غواص، سمنڊ موتي آهُ.
جي خطا ٿي سندم پري ڏيندس، — سئو دفعا دوست ڏنڊ موتي آهُ.
مت لہ تنهنجو مليو 'وفا' ڪوئي، — مون ڏنا مڙئي ڪنڊ موتي آهُ.

## تاج جويو

●

مارن ميارون،
سپنا ۽ سارون،
مون سان قيدي ڪوٽ ۾!

هي چانڊوڪيون چيٽ جون،
ڪُولجن — قطارون،
مون سان قيدي ڪوٽ ۾!

چانيي ڦُول ڦلاريا،
هر هند هُپڪارون،
مون سان قيدي ڪوٽ ۾!

پنيون، وَنيون هيج ۾،
گيتن — گولجارون،
مون سان قيدي ڪوٽ ۾!

## اياز گل

### واڳي

وڪڙي ويندا سي،
هاڻ نه جيئندا سي،
نفرت سنڌ ۾ لهار پرا!

تيز هوائون، حالتون،
ليڪ آجهاميا سي،
نفرت سنڌ ۾ لهار پرا!

ساهه هئين تون ساهه ۾،
توکان وسريا سي،
نفرت سنڌ ۾ لهار پرا!

ڪيئن حياتي گذرندي؟
بس ڪِهسليندا سي،
نفرت سنڌ ۾ لهار پرا!

واند ملي نه دل جا،
ڪهاوَ ڳڻيندا سي،
نفرت سنڌ ۾ لهار پرا!

ڪنهن جا توتي ’گل‘ مان
پٿر ٽيندا سي؟
نفرت سنڌ ۾ لهار پرا!

## ادل سومرو

### ڪيڙو

پيٽ جو سوال
طوطي لفافا ۾ ماڻهو
قسمت جو احوال-

مُرڪن موڙيو مُک
ڏيئن وانگي جلندو رهيو
ڏيئاريءَ تي ڏک-

موت جو منظر
باز جي چنبن ۾ هو
اڇو ڪبوتر-

ڦِڪل ٽُٽل ڪينگريون
مٽيءَ مٿان ڀَتڙا
ڪوهه پرسان نينگريون-

ڪنديءَ جو وڻ
سُتل ڏنار ڇوڪرو
پرسان ٽڪل ڏڻ-

ساجن ساريندي
ٺاريءَ لڱ ٽمي پيا
ڦٽيون چونڊيندي-

ڳائي ويٺو پٽ
آئي تنهنجي ياد ۾
اُڪلي پيو ڦٽ-

شهرن ۾ روزگار
رهجي ويا ڳوٺن ۾
بس ٻيا ۾ ٻارَ-

## سوز هالائي

●

ليري ڀاڻيءَ ۾ ڪنول، ڏاڍو وڻيو،
سونهن جو ردِ عمل، ڏاڍو وڻيو.

منهنجي نيڻن کي نظارن کان وڌيڪ، ڪنهن جي ليڙن جو ڪجل، ڏاڍو وڻيو.
زندگي ڏاڍي ٻُسي آهي مگر، پيار جو هر پل اِهو پل ڏاڍو وڻيو.
رات روشن، واهُ ڏکڻ، ڪليل اڱڻ، ڪوئي مُنهن ڪولي ستل ڏاڍو وڻيو.
اوچتو ڪڙڪي ڪلي چرڪي پيس، سوچ ۾ ٻي جا دخل ڏاڍو وڻيو.
هن جڏهين جهونگاريو منهن جو غزل، مون کي پنهنجو ئي غزل، ڏاڍو وڻيو.

## حبيب الله صديقي

●

وڃن ٿا دور ڏڪيا ڇو، ڪنارن کي ٿيو ڇاهي،
لُڙهن غوراب لهوارا، ملاحن کي ٿيو ڇاهي؟

تقدس پاڪ لنگريءَ جو، قسم توکي قلندر جو،
سچي ڪر اڄ تہ مارن ۽ پنهوارن کي ٿيو ڇاهي.

نہ جذبو جوش دل ۾ آ، نہ چاهت ۽ پنڌي آهي،
سپاجهن سنڌ جي ماڻهن، سياڻن کي ٿيو ڇاهي.

لوان ڪوشا ڦٽا آهن، مقدر کي ڇنو جاڳي،
چمن ۾ ڇو اداسي آ، بهارن کي ٿيو ڇاهي.

وڏائي وڪ هلو اڳتي، اڃان منزل اڳاهين آ،
قلندر جي ڏمالن ۽ لغارن کي ٿيو ڇاهي.

سياحن ماڪ جنهنجي آ، پري جنت نظيريءَ جي،
نہ سي نظرن کي سرچائن، نظارن کي ٿيو ڇاهي.

'حبيب' اڄ ڳالهہ ڪر دل جي، وطن توکي وٺي ٿو پيا،
لڏڻ جي فڪر ۾ آهين، ارادن کي ٿيو ڇاهي؟

مقصود گل

# سچل گهوٽ

آءٌ ته توکي سور سٺايان سچ جا ساٿي گهوٽ سچل.
هرڪو من آ ماندو سائين هر دل ۾ سو سور سٺل،
هرهڪ نيڻين نير ڏسان ٿو هرهڪ اک ۾ آهه اٿل،
سچ جا ساٿي گهوٽ سچل.
ڏيرن ڌاري ڌار ڪئي آ هاڻ ڀڄي ٿي ڀار ڀنهل،
ڪنهن کي سور سٺائي سسئي جنهن سان ڪئي آ جاڙ جبل،
سچ جا ساٿي گهوٽ سچل.
سير گهڙي ئي سهٽي آخر ڪين جهلي ڪنهن جهل،
سير جهٽي ڪئي سوکهي سهٽي ڪالڏي ٽيس ڪرڳل،
سچ جا ساٿي گهوٽ سچل.
ويس مٽائي مومل سان ڪڏ سيج سٿي سومل،
رالو رات رسي ويس سائين ماندي ٿي مومل،
سچ جا ساٿي گهوٽ سچل.
هارَ ٻهالي ڪؤنروءَ ڪيڏي عورت ڪئي انڪل،
هار ڏسي ڀڃي هرکي ليلا ڪالهه ٻيس ڪا ڪل،
سچ جا ساٿي گهوٽ سچل.
لوري لوڙت ساڻ ڪتي وئي ماڙيان منڊ محل،
جام تماچي پاڻ مهاڻن ساڻ ڪئي محفل،
سچ جا ساٿي گهوٽ سچل.
مارئي پنهنجا سالڪي ساري جام وهايا جل،
ڪيت بنا ٿيا عورت ڪي اڄ سيني ۾ سَوَ سَل،
سچ جا ساٿي گهوٽ سچل.
هرڪو وات سبيل آ سائين هرڪا دانهن دهيل،
سچ جون ڳالهيون ڪير ٻڌائي سچ لئہ سالڪ ڪٽل،
سچ جا ساٿي گهوٽ سچل.
حق جا حامي دور لڏي ويا ڪوڙن ڪر ڪنيل،
”گل“ تو ماهي پاڻ جلائي مڪڙيون سڀ مرجهيل،
سچ جا ساٿي گهوٽ سچل.

مختار گهمرو

## گيت

ڪوئل پيو ڪجهه ڪپي، ساٿ تنهنجو رهي،
اينهن چوليون هٿي، پيار ساگر وهي.

سُرڪ سڪ جي پري، چاهه چمندو رهان،
سونهن سرهاڻ جو واس وٺندو رهان،
عڪس تنهنجو نه دل جي پٽيءَ تان ڊهي،
ساٿ تنهنجو رهي.

دور مون کان نه ٿي، يار تون ايترو،
ساهه ايڏي نه ڏي، ساهه ۾ آ سڪو،
پيار ۾ بي‌رخي، ٿي نه توکي لهي،
ساٿ تنهنجو رهي.

سوچ هڪ ٿي وڃي، سوچ سان سار جي،
سوڀ تيندي سڄڻ، پوءِ سهڪار جي،
گڏ جيون گڏ مرون، جا حياتي هجي،
ساٿ تنهنجو رهي.

يار "مختار" جي ويهه ويجهو اچي،
توکي پر ۾ ڏسي، مور دل جو نچي،
وار جي پي وٺي، ڪين دل ٿي سهي،
ساٿ تنهنجو رهي.

مسرور سيال

●

نيڻهن ۾ نمستون آهن،
سڄڻ جون شفقتون آهن.

اوچتو يار گڏجي ويو، واهه جون قسمتون آهن.
پيار منهنجو ڏنو جن پيءَ، سي ڪندا حسرتون آهن.
رات ساري هياسي گڏ، ڪيڏيون فرحتون آهن.
پير جي هو پري آيو، سي چوان رحمتون آهن.
حال تي يار هلندو ڪر، التها غربتون آهن.
باوفا يار منهنجو آ، اوج تي الفتون آهن.
معاف "مسرور" تان ٿيندءُ، جي مثان تهمتون آهن.

## خليل عارف سومرو

# گيت

چوڏهينءَ جو جڏهن، چنڊ ڪِرڙيو آ،
ڪوبہ جڏاهين ڪُل ٽِڙيو آ، — مون کي تنهنجو روپ لڳو آ.
ڪرڻن جو لهرن سان کيڏڻ،
انبلت جي رنگن جو ورڪرڻ، — مون جيڪو ئي عڪس ڏٺو آ.
سُهڻا گلن جا رنگ رچائي،
چانڊوڪيءَ جي سونهن سمائي، — جيڪو مصور نقش چٽيو آ.
پوپٽ جا گل تي پيرا ڏسندي،
ڀو پکي ڪڏ ڪڏ اڏندا ڏسندي، — جي ڪنهن چپ کي چڪ هنيو آ.
سُندر سُندر سپنا سهيڙي،
”عارف“ سُرهيون سوچون جوڙي، — شاعر جيڪو گيت لکيو آ.
چوڏهينءَ جو جڏهن چنڊ ڪِرڙيو آ،
ڪوبہ جڏاهين ڪُل ٽِڙيو آ، — مون کي تنهنجو روپ لڳو آ.

## مڪل جوکيو

# وائي

اوتي هير هُڳاءُ ٿي، ڪينجهر ٽڙيا ڪنول،
هيل تہ آءُ سانول.
مرجي پيئڙا ساهن ۾ اڄ، سارُن سرها گُل،
هيل تہ آءُ سانول.
من کي تنهنجو درد ولوڙي، اکڙين منجهہ آٿل،
هيل تہ آءُ سانول.
ليئڪئي ڏس مرڪي مون ڏي، سرجان آءُ غزل،
هيل تہ آءُ سانول.
ڪوڙ اچا تون آئين ساجن، جهليءَ کهڙيءَ جهل؟
هيل تہ آءُ سانول.

"ضمير" ڦل

## گيت

آءُ هلي اچ هيل اسان وٽ، منهنجا جيءَ جيارا، پيارا!!

سُرمئي سانجهه ۽ باڪ ڦُٽيءَ کي،
آپ تي نهندڙ ست رنگيءَ کي،        تنهنجا ئي رنگ سارا، پيارا!!
ڳاڙها، پيلا گُل ٽِڙيا جي،
تُنهنجي واس منجهان ورسيا سي،        سارا ليڪنهن نظارا، پيارا!!
سِرجيا سج ۾ ڪرڻا تُنهنجا،
چنڊ چانڊوڪي جلوا تُنهنجا،        تو ريءَ سڀ انڌارا، پيارا!!
تون جو مَنجين رتون مَنجن،
پن چڻ منجهه بَسنتون مَنجن،        پارا منجهه اولهارا، پيارا!!
سور تہ سانيڍڻ سَهنجا لاهن،
ڏاڍا اوکا اهنجا آهن،        گولڊر منجهه گذارا، پيارا!!

احمد حسين ٽالپر

●

هڪوار هلي آءُ سالوڙا! تو لاءِ اکيون هين راهن ۾.

هيت ساجن سرنهہ ڦُلاري آ،
ڪني ڪنڪ ۾ ايسرڻ واري آ،
اچ پاڻ بہ ڪلنڊي ڪيتن جي،        سرهاڻ سمايون ساهن ۾.
ور واپس البن پور جهليو،
تو ڪهڙي ڪارڻ پاڻ پَلِيو،
من ماندو ۽ ويڳاڻو آ،        تو ريءَ اڪيلو آهَن ۾.
ڪيو چيت ڦُٽڻ جو سعيو آ،
تنهنجي ياد تيئن تڙپايو آ،
ائين اڌسا اڻ جهل اٿلي پيا،        جيئن چاڙهہ چڙهي درياهن ۾.
مچ آزيون "احمد" ڪرم ڪري،
اچ پاڻ پرين تون پير ڀري،
ميل موت ڪنان اڳ يار اچي،        هيت آهيان هاڻي پساهن ۾.

## پشپا واڌي

# گل مهر جي موسم

بَس تنهنجو شهر ڪيڏو جلد ڀوڳني ڇڏي آئي
سڀ شيءِ ڀوڳني رهجي وئي
تنهنجي خوشبو ۾ مون ساڻ هلي آئي

ڳاڙهن گلن جي مند ۾ مليو آهي،
ائين ڇيو آئن
ڳاڙهن گلن جي رت اسان لاءِ
شايد جدائي کڻي آئي

جنهن مند ۾ اسان ملنداسين
هت هتي ساڻ ملندا
اُهائي رانگين گلن جي موسم
پيلي پيلي ٻن-ڇڻ جي موسم
ڳاڙهن گلن جي موسم ٻنجي ويندي
گل مهر جي موسم ٻنجي ويندي

## بخشڻ مهراڻوي

مون کي اهو ڪجهه ياد آهي،
جو مون وسارڻ چاهيو ٿي
۽ مون کي
اهو ڪجهه وسري چڪو
جو مون ياد ڪرڻ چاهيو ٿي.

## کيمچند شرما

مان
ڪڏهن ڪڏهن
سوچيندو هان
ته هميشه
رات ئي رات هجي
ڪاري آماس رات
جنهن جي آغوش ۾
مان ۽ صغير ٻچڙا
ستا پيا هجون
نه ڪي سورج ڪني ڪيڏي
نه ئي سگهندا ٻچڙا
ٻاڙي وارن ٻچڙن جي هٿن ۾
ليون نيون ڇيزون ڏسي
روئن، رڙن، ٿڏو ڪن
۽
مان مجبورن غصي ۾ اچي
ڇمانون ڪشي ڪيان.

## فهيم انصاري

اها انسان سان
ڪيڏي وڏي ٽرئجڊي آ
جو،
هن کي پنهنجي
زندگيءَ تي ئي
ڪو اختيار ڪونهي.

## ارم محبوب

### نئون رشتو!

تو چيو هو...
ته جيءَ سکهنديون ...
مون بنا...
مون چيو هو...
جيءَ ڇا ڪندس...
مان تو بنا...
ڪڏهن چنڊ به ڇا...
ٿيو آ تارن کان دور...
گل کان به ڇا...
ٿي سگهي آ سڳنڌ دور...
تڏهن ياد اٿئي...
تو چيو هو:
سمنڊ کان به...
ڪڏهن لهرون...
ٿيون آهن ڇا ڌار!
پوءِ تون ۽ مان...
ڪيئن ٿي سگهون ٿا دور؟
پر ڏس!
هاڻ مان به تو کان
آهيان دور... ۽ تون به
مون کان دور...
مان به جيان پيو...!
۽ تون به...!!
جو تو ۾...
۽ مون ۾...
رشتو هئيو...
فقط ڪجهه...
خوبصورت ڊائلاگز جو!

## عزيز ڪوپانگ

جيڪو
منهنجي
ڪوٽ جي
ڪالر ۾ لڳل آهي
ڇا
تو کي
ايترو وڻي ٿو
جيترو مون کي وڻي ٿو
گل
جيڪو
تنهنجي
وارن ۾ پوتل آهي.

## امام راشدي

### احساس

سپنا تنهنجا، جاڳي جاڳي،
ڏسندو آهيان،
کيلندو آهيان،
احساس ۾ پسندو آهيان،
ملندو آهيان،
جڏهن تنهنجي،
مُرڪ ٿي،
سُرڪ ايندي آ، تڏهن مان،
پيار جي پيچري ٿي،
ڪي پل،
ڪي ساعتون،
پاڻ کي تو ۾،
سمايل محسوس ڪندو آهيان.

# مقالا

”ڀائرو! جيڪڏهن اوهان ۾ غيرت آهي، ته اٿو- پنهنجي اباڻي ورثي جي سنڀال ڪريو. جا ٻولي مخدوم ابوالحسن، مخدوم محمد هاشم، سيد عبداللطيف ڀٽائي، بزرگ گروهڙيءَ ۽ ٻين عاليشان هستين جي هنج ۾ پلي آهي، ۽ جيڪا لفظن ۽ اصطلاحن ۽ ٻين ڪلامي خوبين جي ڪري ڪنهن به ٻوليءَ کان گهٽ نه پر گهڻو بلند ۽ بالا آهي، تنهن کي اوهين ننڍڙو ڇڏي ڏيندا؟ جنهن قوم کي ’ادب‘ نه آهي، سا اڄ ڪنهن به قطار ۾ نه آهي: جيڪڏهن اوهان پنهنجو ادب وساريو، ته ڌوٻيءَ جي ڪتي وانگر نه گهر جا ٿيندا، نه گهاٽ جا! اکيون پٽيو، جاڳو، پنهنجو ورثو سنڀاليو، - نه ته سڀئي اوهان کي پڇتاءُ جون تريون مهٽيون پونديون.“

- شمس العلماء ڊاڪٽر دائود پوٽو

# ٺٽي جو وجودي بنياد يا ٺٽي شهر جو اصل نسل

## ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ٺٽو شهر، جيڪو هن وقت سنڌ جي حيدرآباد ڊويزن ۾ هڪ ضلعي صدر مقام آهي، سو ڪڏهن ۽ ڪيئن وجود ۾ آيو، سا حقيقت راز ۽ اسرار جي پردن ۾ ڍڪيل رهي آهي. سنڌ جي روايتي داستانن موجب ٺٽي شهر جو بنياد به اوتروئي قديم آهي، جيترو قديم شهر ملتان جو. اهڙن داستانن جي هڪ روايت موجب چئن زائفائن مان [جن چئني مان هرهڪ اها دعويٰ ٿي ڪئي ته هوءَ ئي سيني ۾ وڏي آهي] هڪ چيو ته:

جڏ ٺٽي تي ناهه ڪيو، اڏيو ٿي ملتان
تڏ سؤ سهيلين ساڻ، مون متي ڪنئي متي تي.

ٺٽي جي بڻ بنياد بابت لکيت ۾ آيل حقيقتن ۾، هڪ مبهم ۽ موهوم خيالي اشارو امير خسرو (١٢٥٥-١٣٢٥ع) جي هڪ شعر ۾ ملي ٿو، جيڪو ٦٦٨هه (١٢٧٩ع) کان ٦٨٣هه (١٢٨٤ع) دوران ملتان ۾ پنهنجي قيام واري عرصي ۾ ٺٽي ۾ آيو ٿو ڏسجي. اهو مخصوص شعر ڪهڙي خاص تاريخ تي جوڙيو اٿس تنهن جي پڪي خاطري ڪانه ٿي ملي، پر اندازي موجب اهو شعر ١٢٧٩ع ۽ ١٣٢٥ع جي دوران ئي چيو ويو. بهرحال هڪ ڳالهه يقيني آهي ته ٺٽي جي ابتدائي آباديءَ وارو دور اهوئي ساڳيو آهي جڏهن سنڌو نديءَ جي وچ وارو وهڪرو تبديل ٿيو.

هي اهوئي دور آهي جڏهن سومرا خاندان جي حڪمراني زوال پذير هئي، جنهن جو (اصل) سبب هيءُ هو جو سنڌو ندي پنهنجي "پراڻ سرشتي" وارو وچون وهڪرو تبديل ڪري گهڻو اولهه طرف مغرب وارو رخ ورتو، جنهن ڪري آساني خاطر "ٺٽي وارو سلسلو" چئي سگهجي ٿو. زوال پذير سومرا قوم جي خوشحاليءَ جو دارومدار انهيءَ پراڻ سلسلي تي هو، جنهن ۾ (پوءِ) پاڻيءَ جي آوت گهٽ کان گهٽ ٿيندي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هنن جي طرف جي زمينن تي فصل متاثر ٿيڻ لڳا ۽ سندن اقتصادي حالت ڪمزور ٿيڻ لڳي. انهيءَ جي برعڪس ٻئي طرف يعني اولهه ۾، سمن زميندارن جي زمينن کي جهجهو پاڻي جُڙڻ لڳو. سومرا قوم جي خيرخواهن جي دلين ۾ به ٻين وانگر اهو گمان گهر ڪري ويو ته درياءَ پنهنجو رخ انهيءَ ڪري بدلايو آهي جو روهڙيءَ پرسان اروڙ وٽ ڪو بند ٻڌل آهي، جنهن جي ڪري هاڪڙي (اپرندي ناري) ۾ پاڻيءَ جي آوت گهٽجي وئي آهي، تنهن سبب هو آسروند

# سلطان محمود بکري ۽ شاهه طهماسپ جا لاڳاپا

سيد حسام الدين راشدي

ترجمو: غلام محمد لاکو

[ هي پيپر محترم سيد حسام الدين راشدي سال ١٩٧٢ع ۾ ايران شناسن جي ٢- بين الاقوامي ڪانگريس تهران ۾ پڙهيو هو. هي پيپر تازو اسلام آباد مان نڪرندڙ رسالي "دانش" نمبر: ٩ (بهار ١٣٦٦ شمسي هجري) ۾ ڇپيو آهي. نظريءِ ضرورت تحت رسالي جي اهلڪارن هن مقالي جو عنوان تبديل ڪري "ايراني دربار ۽ سنڌ جي دربار جا ڏهين صدي هجريءَ ۾ تعلقات" موضوع سان ان کي ڇاپيو آهي. سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ هن پيپر جي اهميت سبب ان کي "مهراڻ" جي پڙهندڙن لاءِ ترجمو ڪيو ويو آهي].

ڏهين صدي هجري (قمري) ۾ بخارا کان دهلي تائين، قديم گهراڻا ختم ٿيا ۽ بين خاندانن انهن جي جاءِ والاري. قديم حڪومتون ختم ٿيون ۽ نيون قوتون نسري نروار ٿيون. شيبانين جو خاتمو (٩٠٦هه/١٥٠٠ع)، صفوي سلطنت جو قيام (٩٠٧هه/١٥٠٢ع)، هرات جي تيموري خاندان جو زوال ۽ اولاد جي ڪثرت سبب ڪل ٿيڻ (٩١٣هه/٧-١٥٠٦ع)، بابر جو فرغانه کان پوءِ ڪابل ۽ قندار تي قابض ٿيڻ (٩٢٨هه/١٥٢١ع) ۽ هندستان ۾ نئين بادشاهيءَ جو بنياد رکڻ (٩٣٢هه/١٥٢٦ع)، شاهه بيگ جو قندار ۾ بابر هٿان شڪست کائڻ ۽ سنڌ طرف اچڻ سمن جي خاندان کي ختم ڪري نئين حڪومت ناهڻ (٩٢٧هه/١٥٢٠ع)، شيرخان سوري هٿان همايون جي شڪست ۽ سنڌ ۾ پناهه نه لهڻ (١- رجب ٩٤٧هه/٢- نومبر ١٥٤٠- ٩- ربيع الثاني ٩٥٠هه/ ١٧- جولاءِ ١٥٤٣ع) ۽ شاهه طهماسپ جي دربار ۾ پهچڻ، تخت ۽ تاج جو هن بادشاهه جي مدد سان واپس وٺڻ - هي سڀ واقعا ڏهين صدي هجريءَ جي ابتدائي چوٿائي ۾ ٿي گذريا *. انڪري ايران جون قديم سياسي، ملڪي ۽ علمي حالتون توڙي هند-پاڪ ننڍي کنڊ جو نقشو به بدلجي ويو. اهوئي سبب آهي جو پوءِ ننڍي کنڊ تي، صدين تائين ايران جي برتري جاري رهي. هتان جي ملڪي ماحول ۽ اجتماعي سياست کي جن به اميرن، عالمن ۽ مدبرن تشڪيل ڏني ۽ نئين زندگي بخشي، اهي يا ته ايراني يا وري توراني هئا.

* ڇاپي متن ۾ تاريخون غلط ڇپيون آهن، جن کي ترجمي وقت درست ڪيو ويو آهي.

سلطان محمود بکري ۽ سندس خاندان به انهن ماڻهن ۾ شامل آهي، جن ڏهين صديءَ جي ابتدا کان وٺي آخر تائين هرات، ڪابل ۽ قندار توڙي سر زمين سنڌ تي مهمون سرانجام ڏنيون. امير ذوالنون ارغون ۽ شاه بيگ ارغون جي وقت سلطان محمود جو پيءُ مير فاضل ڪوڪلتاش ڪابل، قندار، بست ۽ زمين داور تي قائم رهيو(١). ان بعد کين ان ملڪ مان تڙيا ويا ۽ اچي سنڌ تي قابض ٿيا. هن خاندان جي ڪجهه ماڻهن خاص ڪري پيءُ جي موت کان پوءِ، سلطان محمود ملڪي معاملن جي لاهن چاڙهن ۾ اڻ مٽ نشان ڇڏيا. شاه حسن ارغون جي وفات (٩٦٢هه/١٥٥٥ع) تي جڏهن سندس ڪو وارث نه هو، سلطان محمود اتر سنڌ ۾ سيوهڻ کان سبيءَ تائين پنهنجي الڳ سلطنت جو بنياد رکيو(٢).

سلطان محمود جا وڏا خوارسڪان جا هئا، جيڪو اصفهان ۾ تحصيل "جي"جو هڪ ڳوٺ هو(٣). مير محمد معصوم بکري پنهنجي "تاريخ سنڌ" ۾ سندس خانداني سلسلو هن ريت لکيو آهي: "سلطان محمود بن مير فاضل بن مير عادل بن احمد خواجه." وڌيڪ لکي ٿو ته: احمد خواجه جو واسطو ٽن پيڙهين ذريعي ملڪ محمود نالي ده (ساني ڏيندڙ)، سان لڳي ٿو جو اصفهان ۾ پهچ ۽ سخا ڪري مشهور هو(٤). جنهن وقت امير تيمور اصفهان کي تاراج ڪيو (٧٨٩هه/١٣٨٧ع)(٥)، ان وقت محمود جو وڏو ڏاڏو احمد خواجه، امير ذوالنون ارغون جي پيءُ امير حسن جي هٿ چڙهيو ۽ ان وقت کان شاه حسن ارغون (پوٽو امير ذوالنون) جي وفات تائين هي خاندان ساڻن گڏ رهيو.

ارغونن سان گڏ ترخان به سنڌ ۾ آيا جن جو تعداد گهڻو هو، جڏهن ته مير فاضل ڪوڪلتاش، جو خاندان چند ماڻهن تي مشتمل هو(٦). ان جي باوجود به ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ته ترخانن جي دشمني ۽ رقابت هوندي به، سلطان محمود اتر سنڌ تي مسلط ٿي ويو. وٽس جانباز ۽ وفادار سپاهي هئا، جنهنڪري پاڻ ترخانن تي حاوي رهيو. پاڻ مشڪل ڪمن کي سمجهڻ ۽ مسئلن حل ڪرڻ ۾ وڏي مهارت رکندو هو. سندس شخصيت نهايت دلچسپ هئي ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ جهڙس سياسي بصيرت جو مثال گهٽ ملي ٿو.

پاڻ جنهن وقت حڪومت جي واڳ ورتائين، اهو دور خطرن سان پُر هو. ٺٽي جو حاڪم مرزا عيسيٰ ترخان سندس سخت دشمن هو ۽ سندس وجود کي ختم ڪرڻ جي ڪِد هو. هندستان ۾ همايون بادشاهه، شاه حسن جي موت کان هڪ مهينو اڳ (٩- جمادي الاول ٩٦٢هه/١٠- اپريل ١٥٥٥ع)، لاهور تي قبضو ڪيو هو (٣- ربيع الآخر ٩٦٢هه/٢٤- فيبروري ١٥٥٥ع)، ۽ ٽي مهينا پوءِ (٢- شعبان ٩٦٢هه/٢٢- جون ١٥٥٥ع) سرهند وٽ سورين کي شڪست ڏئي، پيرو سرزمين هند تي مغلن جو جهنڊو ڦڙڪايائين. همايون بادشاهه پڻ سلطان محمود جو دشمن هو. جڏهن هو شير شاه سوري هٿان شڪست کائي سنڌ پهتو هو (٢٨- رمضان ٩٤٧هه/٢٤- فيبروري ١٥٤١ع — ٧- ربيع الثاني ٩٥٠هه/١٧- جولاءِ ١٥٤٣ع)، تڏهن سلطان محمود پنهنجي ولي نعمت شاه حسن ارغون جي حڪم موجب، هر جاءِ تي سندس مزاحمت ڪئي هئي ۽ کيس ڪٿي به

(۲۳) برٽش ميوزم جو نسخو، ص ۸، نمبر ۱٦٧۰۳ Add.

(۲۴) تاريخ سنڌ مير معصوم، تاريخ طاهري؛ حاشيه مڪلي نامه ۽ تحفة الڪرام.

(۲۵) اڪبرنامه، ۲: ۲۷۸-۲۷۹ (ڪلڪته ايڊيشن)، ۽ بدايوني، ۲: ۹۱ (ڪلڪته، ۱۹۳۱ع).
عبارت هن ريت آهي: 'سلطان محمود قلعي جي والي قنڌار جي قزلباشن جي مدد سان، هن بندي جي ولايت ۾ دخل اندازي ڪن ٿا.' (پڻ ڏسو: تحفة الڪرام، ص ۴۹۵).

(۲٦) پندرهين رجب (۹۸۰) تي بکر کان روانو ٿيو (تاريخ سنڌ مير معصوم، ص ۲۳۰).

(۲۷) تاريخ سنڌ مير معصوم، ص ۲۳۵؛ بدايوني، ۲: ۱۳۵-۱۳٦.

(۲۸) تاريخ سنڌ مير معصوم، ص ۲۳۷.



# مرند، ملتان ۽ سيوهڻ

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

**مرند:** حضرت قلندر شهباز جي اصل وطن بابت مختلف روايتون آهن. ڪن تذڪرن سندن اصل وطن جو نالو ”مرولد“ ڄاڻايو آهي، ۽ اهو نالو عام مشهور ٿي ويو آهي. ڪي نقير ”ملوند“ به چوندا آهن. لب تاريخ سنڌ جي صاحب ”ميمند“ ڄاڻايو آهي، جيڪو افغانستان ۾ ”هرات“ پرڳڻي جي ويجهو هو. مشهور محقق مولوي خانبهادر محمدشفيع جڏهن سيوهڻ جون تاريخي جايون ڏسڻ ۽ ڪتبا قلمبند ڪرڻ لاءِ سيوهڻ آيو هو، ته مخدوم بصرالدين ڪيس ٻڌايو هو ته حضرت قلندر شهباز جي صحيح نسبت ”ميوندي“ هوندي.

جن تذڪرن ”مروند“ ڄاڻايو آهي ته انهن لکيو آهي، ته هي شهر آذربائيجان ۽ تبريز ڏانهن اقليم پنجين ۾ هو. ڪن اهو به لکيو آهي، ته ”مروند“ تبريز جي ڳوٺن مان هڪ ڳوٺ هو. ”مروند“ جي نالي سان ڪوبه شهر تاريخن، قديم جاگرافين ۽ سفرنامن ۾ نظر نٿو اچي. البت هرات کان اتر ۾ روس ۽ افغانستان جي دنگ تي، ”ڪشڪ“ نالي شهر کان ۱۶۰ ميل اتر ۾، خشڪ جابلو بيابان جي وچ ۾ ”مرو“ نالي شهر هو، جيڪو هڪ وڻندڙ ”خيابان“ هو. هي شهر خراسان جي قديم گادي جو هنڌ هو. قديم زماني ۾ عاليشان شهر هو، ۽ علم، عرفان ۽ آسودگيءَ جو مرڪز هو. اصطخري، ابن حوقل ۽ مقدسي سندس مفصل بيان ڏنو آهي، ۽ ڪيس عاليشان شهر ڏيکاريو آهي. سندس قدامت جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو، جو هتي سڪندر مقدوني جي وقت جا آثار ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

زابلستان ۾ ”ميمند“ يا ”ميولد“ جو شهر به ملي ٿو. ”مرد“، ”ميمند“ ۽ ”ميوند“ مان ڪوبه اهڙو نالو مناسب نظر نٿو اچي، جنهن مان ”مروندي“ نسبت جڙي هجي. ان کان سواءِ اهي شهر آذربائيجان ۾ نه آهن. هوڏانهن اڪثر تذڪرا متفق آهن، ته قلندر سائينءَ جو اصل وطن آذربائيجان ۾ هو. آذربائيجان ۾ صرف ”مروند“ نالي شهر جو نالو ملي ٿو.

حقيقت اها آهي ته صحيح نالو به ”مروند“ آهي، جيڪو عوامي تلفظ ۾ بگڙجي ”مرولد“ ٿيو آهي. جن تاريخن ۽ تذڪرن ۾ ”مرولد“ آيو آهي، اهي گهڻو پوءِ جا لکيل آهن، انهيءَ ڪري هنن عام مروج تلفظ پنهنجي ڪتابن ۾ آندو آهي. ڪيترن شاعرن به ”مرولدي“ نسبت ڪي ٿي نظم ۾ آندو آهي.

"مرند" تلفظ جي صحيح هجڻ لاءِ تاريخي ثبوت به ملن ٿا. مشهور سياح ابن بطوطه حضرت قلندر شهباز جي وفات کان قريباً اڌ صدي پوءِ سنڌ ۾ آيو، ۽ سيوهڻ ۾ به پهتو. هن صاف طور "مروندي" نسبت ڄاڻائي آهي. لکيو اٿس:

"هن شهر ۾ مون کي هڪ ڪراڙو ماڻهو "محمد بغدادي" نالي مليو، ۽ هي **شيخ عثمان مروندي** جي درگاهه ۾ رهي ٿو. مون کي ٻڌايائين ته سندس عمر هڪ سوءِ چاليهه سالن کان وڌيڪ آهي، ۽ هو خليفي معتصم بالله جي قتل وقت جڏهن ان کي هلاڪو خان بن چنگيزخان قتل ڪيو هو، بغداد ۾ موجود هو. هو ايڏي وڏي عمر جي باوجود تندرست ۽ توانو آهي، ۽ چڱيءَ طرح هلي چلي سگهي ٿو"(۱).

ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته محمد بغدادي، قلندر رح جي صحبت ۾ رهيو هوندو. اسان تذڪرن ۾ حضرت قلندر شهباز جي طالبن ۾ "علي" جي نالي سان ٽن ماڻهن جا نالا ملن ٿا. جيڪي ٻاهران آيا: هڪ سيدعلي سرمست، جيڪو اصل "بغداد جو هو، ۽ سندس مزار شهباز سائينءَ جي مقبري جي ٻاهران آهي. ٻيو "سيدعلي"، اصل شيراز جو هو، ۽ حضرت قلندر شهباز جي پوئين وقت ۾ وٽس اچي رهيو. ٽيون "مخدوم علي" جيڪو نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي صحابي دحيه الڪلبي جي اولاد مان هو. درگاهه جو پهريون خدمتگار سيدعلي سرمست بغدادي هو. ان کان پوءِ "سيدعلي شيرازي" ٿيو. ان جي وفات کان پوءِ "مخدوم علي" ٿيو. "محمد بغدادي" جي نالي سان اسان جي تذڪرن ۾ ڪو نالو نظر نٿو اچي. معلوم ائين ٿو ٿئي، ته اهو ساڳيو ماڻهو آهي، جنهن کي اسان جي تذڪرن "سيدعلي سرمست بغدادي" لکيو آهي. "بغدادي" نسبت ان جو چٽو ثبوت آهي. بهرحال ابن بطوطه جي بيان موجب حضرت لعل شهباز جي نسبت "مرندي" آهي.

مرند جون سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتون: مرند بابت ابي الحسن بلاذري فتوح البلدان ۾ لکيو آهي:

"مرند ننڍو ڳوٺ هو. حلبث ابوالبعيث فتح ڪيو. ان جي پٽ محمد هتي ڪيترا محل تعمير ڪرايا. المتوڪل علي الله جي زماني ۾ هن بغاوت ڪئي. خليفي جي آزاد ڪيل غلام "بُغاالصغير" ان جو مقابلو ڪري کيس شڪست ڏني، ۽ کيس قيد ڪري سرمن لاءِ آندو. مرند جي چوڌيواري تباهه ڪئي وئي، ۽ محلات مسمار ڪيا ويا."(۲)

يعني اهو ٽين صدي هجري جو احوال آهي. احمد بن ابويعقوب بن جعفر يعقوبي پنهنجي ڪتاب "تاريخ اليعقوبي" ۾ به ساڳيو احوال وڌيڪ تفصيل سان آندو آهي(۳). مقدسي چوٿين

(۱) سفرنامه ابن بطوطه: اردو ترجمه رئيس احمد جعفري، نفيس اڪيڊمي ڪراچي، ۱۹۶۱ع. ص ۴۸۷.

(۲) فتوح البلدان: ابي الحسن البلاذري؛ بيروت - لبنان، ۱۹۷۸ع، ص ۳۲۵.

(۳) تاريخ اليعقوبي: محمد بن ابو يعقوب بلاذري، ج ۲، ص ۴۷۳ ۽ ۴۸۶.

قديم شاهراهه: هيئنر ڏسڻ گهرجي تہ حضرت قلندر شهباز ڪهڙي رستي کان ۽ ڪهڙي زماني ۾ سنڌ ۾ داخل ٿيو. قديم زماني ۾ ساموندي رستي کان سواءِ سنڌ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ چار رستا هئا: بولان ۽ مولا لڪ وارو رستو، جيڪو موجوده بلوچستان کان ٿيندو، سنڌ ۾ ايندو هو. ٻيو خيبر لڪ وارو رستو، جيڪو موجوده صوبہ سرحد پنجاب مان ٿيندو، موجوده سکر ضلعي ۾ داخل ٿيندو هو. ٽيون رستو ڪراچيءَ جي حب ندي پار ڪري، لس ٻيلي ۽ مڪران مان ٿيندو، ايران ۽ عراق ڏانهن ويندو هو. چوٿون رستو سيوهڻ جي اولهہ مان روهل ۽ قاسيءَ جي لڪ مان لنگهي سنڌ کان ٻاهر ويندو هو. اهو رستو تمام قديم آهي ۽ ان جي اردگرد سيوهڻ واري علائقي ۾ ڪيترائي قديم آثار مليل ٿا. جهڙوڪ: شاهہ حسڻ، غازي شاهہ، علي مراد، واهي پانڌي، ٽنڊو رحيم خان وغيره.

معلوم ائين ٿو ٿئي، تہ حضرت قلندر شهباز اسلامي دنيا جي سير وسياحت ڪندي، مڪران ۽ لس ٻيلي واري رستي کان سنڌ ۾ داخل ٿيو هو، ڇاڪاڻ جو وادي پنجگور ۾ "دشت شهباز" نالي ماڳ، پسني بندر جي پرسان ٽڪر تي هڪ جاءِ ۽ منگهي پير وٽ هڪ هنڌ سندس نالي منسوب آهن. تحفة الڪرام جي صاحب مير علي شير قانع لکيو آهي:

"حاجي منگهي جي جبل ۾ مخدوم لعل شهباز جي ڪنڌري (ٻيراگڻ) نالي هڪ نهر آهي، جنهن جي ٻنهي ڪنارن تي خوشگوار باغ ۽ درويش جا پرسڪون تڪيا آهن." (١)

دوارڪاپرساد شرما پنهنجي ڪتاب "پراچين سنڌو سڀيتا جو نظارو" ۾ انهيءَ ئي شاهراهہ جو ذڪر ڪندي لکيو آهي:

"سنڌ مان عراق ۽ ايران ڏانهن هي رستو ڪراچي کان حب ندي پار ڪري لس ٻيلي ۽ مڪران مان ٿيندو ايران وڃي ٿو. هي اهوئي رستو آهي جتان تي سؤ سال ق. م. سڪندر مقدوني ۽ ان کان ڏهہ-پندرهن سال اڳ سائرس ۽ سندس راڻي سيمبرامس سنڌ تي حملو ڪيو هو، يا هندستان تي حملو ڪري انهيءَ رستي سان وطن موٽيا هئا. هي لس ٻيلي وارو رستوئي آهي، جتان فاتح سنڌ محمد بن قاسم عربي فوج ساڻ ڪري آيو. ان کان اڳ بہ ڪجهہ عرب سپهہ سالار سنڌ تي حملو ڪري چڪا هئا." (٢)

تمام قديم زماني ۾ بہ ماڻهو عراق قديم ۽ ايران کان موئن جي دڙي ۽ آمري تائين ايندا ويندا هئا. انهيءَ ئي رستي سان عراق، ايران ۽ ٻين ملڪن سان سنڌ جو واپار هلندو هو. آمري، سيوهڻ ۽ موئن جو دڙو انهيءَ قديم شاهراهہ سان ڳنڍيل هئا، انهيءَ ڪري انهيءَ زماني ۾ موهن جي دڙي ۽ سيوهڻ سان گڏ آمري کي بہ وڏي اهميت حاصل هئي. ان جي ثابتي ان مان بہ ملي ٿي تہ آمريءَ جي دڙي مان جيڪي قديم آثار مليا آهن، اهي عراق جي کنڊرن مان نڪتل شين سان مشابهت رکن ٿا.

---

(١) تحفة الڪرام، سنڌي ترجمو، سنڌي ادبي بورڊ، سال ١٩٧٦ع، ص ٦٣٥.

(٢) سنڌو سڀيتا جو نظارو: دوارڪاپرساد شرما، ص ١٩.

ڪيترين شيون سنڌ مان انهيءَ رستي سان ٻاهرين ملڪن ڏانهن وينديون هيون ۽ ڪي شيون وري انهن ملڪن مان سنڌ ۾ آنديون وينديون هيون. موئن جي دڙي مان پٿر جا داڻا ۽ ٻيون شيون اهڙيون مليون آهن، جن مان معلوم ٿئي ٿو ته يونان، مصر ۽ ڪويت تائين موئن جي دڙي جو واپار هلندڙ هو. بابل جي قديم شهر "ار" ۽ "ڪش" جي کوٽائي ڪندي، ڪيترن هنڌن تان سنڌي مهرون مليون آهن. انهن مان هڪ ته بلڪل اهڙي آهي، جيڪا موئن جي دڙي جي هيٺاهين تهه مان ملي آهي. سنڌي مهرن ۽ بابل جي مهرن جي سڃاڻپ بلڪل سولي آهي. سنڌي مهرن تي سنڌ جي جانورن جهڙوڪ: هاٿي، گينڊي،گهڙيال، مانگرمڇ ۽ ٻين جانورن جون تصويرون آهن، پر بابل جي مهرن تي جانورن جون تصويرون بلڪل ڪونهن. سنڌي مهرن کان سواءِ بابل جي شهر مان سنڌ جي ٺڪر جي ٿانون جا ٽڪرا بہ مليا آهن. اهڙي قسم جا ٿانو بابل ۾ بہ ٺاهيا ويندا هئا. موئن جي دڙي جي هيٺاهين تهه مان پٿر جي ٿانو جو هڪ اهڙو ٽڪر بہ مليو آهي، جنهن جهڙي چٽسالي "تل اسمار"، "ڪش" ۽ "سوسہ" جي ٿانون جهڙي آهي.

عربن جي زماني ۾ بہ واپارين جا قافلا سنڌ، ايران، خراسان ۽ عراق کان ايندا ويندا هئا. اهي بہ هن رستي سان ويندا هئا. عرب جاگرافيدانن، سياحن ۽ تاريخدانن جي ڪتابن ۾ اهڙو احوال ملي ٿو. ابن خردازبہ (١) جي بيان موجب جيڪي قافلا خراسان کان مڪران ۽ سنڌ وغيره ويندا هئا، انهن جي مسافري جي پهرين منزل فهرج هوندي هئي. انهيءَ زماني ۾ انهيءَ نالي وارا ٽي شهر هئا، پر هي شهر صوبي "ڪرمان" ۾ هو، جيڪو اتان جي ٻن شهرن "بم" ۽ "نرماسير" جي اوپر ۽ باديہ ايران جي ڪناري تي هو. "سيرجان" کان اوپر جي طرف مڪران وڃڻ واري سڙڪ "بم" ۽ "نرماسير" کان ٿيندي، فهرج پهچندي هئي (٢). ابن خردازبہ فهرج کان مڪران جي شهر "طاهران" (٣) جو مفاصلو ٣٢ ميل ٻڌايو آهي. ابن خردازبہ انهيءَ شاهراهہ جي شهرن جا نالا بہ ڏنا آهن، جهڙوڪ: مڪران، ميد، ارما بيل، خمبلي، ديبل، سهبان (٤). يوناني، يهودي ۽ روسي واپاري بہ انهيءَ رستي سان سنڌ ۾ ايندا ويندا هئا.

---

(١) هو ٽائين صدي عيسوي ۾ ٿي گذريو. هو معتمد خليفي عباسي جي ڏينهن ۾ ٽپال ۽ خفيہ اطلاعات جي محڪمي جو آفيسر هو. سندس ڪتاب "المسالڪ والممالڪ" ۾ هيءَ معلومات ملي ٿي. سندس ڪتاب سن ١٨٨٩ع ۾ "ڊي غوجي" بريل ليڊن مان شايع ڪيو.

(٢) جغرافيہ خلافت مشرقي: جي لي اسٽرينج، اردو ترجمہ محمد جميل الرحمان، جامع عثمانيہ، حيدرآباد دڪن، سال ١٩٣٠ع، ص ٤٨١، ٤٩٣، ٤٩٦.

(٣) مڪران جي سرحد هن شهر کان شروع ٿيندي هئي (تاريخ سنڌ، مولانا ابو ظفر ندوي).

(٤) عرب و هند کے تعلقات: مولانا سيد سليمان ندوي، هندستاني ايڪاڊمي الهہ آباد، سال ١٩٣٠ع، ص ٢٤.

عرب ليکڪن مڪران جي گاديءَ جو هنڌ "فنزبور" يا "بنجبور" (پنجگور) ڄاڻايو آهي. فهرج کان مڪران جي گاديءَ واري شهر جو مفاصلو ١٤ فرسخ ٻڌايو ويو آهي.

ابن حوقل جي نقشي ۾ ٻه هن رستي جي نشاندهي ملي ٿي. ان رستي سان هن ديبل تائين جن شهرن جا نالا ڏنا آهن، اهي هي آهن: اصفقہ، راسڪ، دارڪ، ڪيز (۱) (ڪيچ=مڪران)، ارما بيل (لس ٻيلو)، قنبلي، دابل (ديبل). ان کان پوءِ سنڌ ۾ سيوهڻ تائين جن شهرن جا نالا ڏنا اٿس، اهي آهن: نيرون، منجابري (۲)، سدوسان (۳).

**سيوهڻ:** آثار قديمہ جي ماهرن جو رايو آهي تہ "سيوهڻ" نہ فقط موئن جي دڙي جي تهذيب واري زماني ۾ آباد هو، پر ان کان بہ گهڻو اڳ وسيل هو (۴). آرين بہ اچڻ سان هن شهر کي نئين طرح وسايو. موجوده نالو "سيوهڻ" بہ آرين جي ڏنل نالي جي بگڙيل بناوت آهي. آرين جي هڪ قبيلي "شوي" جي ڪري مٿس اهو نالو پيو. يعني "سيوستان"، اصل ۾ آهي: "شواستان" (شوي+استان=جاءِ). اهڙيءَ طرح "سيوهڻ"، "شو واهڻ" (شو+ واهڻ=ننڍو شهر) چئي سگهجي ٿو. معلوم ٿئي ٿو، تہ آرين هن شهر کي "شو استان" يا "شو واهڻ" سڏيو، جيڪي بدلجي "سيوستان" ۽ "سيوهڻ" ٿيا آهن. قديم سنڌ جي وسيع حدن ۾ "شوي" آرين جي نالي پٺيان ٻيا بہ شهر آهن، جهڙوڪ: ملتان واري پرڳڻي ۾ "شور ڪوٽ" ۽ موجوده بلوچستان ۾ "سوي" (سبي)، جيڪو اصل ۾ "شوي" هوندو.

سڪندر جي زماني جا يوناني ليکڪ هن شهر کي "سنڌ يمانا" ڪري ڄاڻائين ٿا. هتي جي بادشاهہ "سامبوس" يا "سمباس"، سڪندر جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪيا هئا (۵). ڀانئجي ٿو تہ "سنڌ يمانا"، سيوهڻ جي بگڙيل بناوت آهي. عرب مورخن ۽ سياحن جي ڪتابن ۾ بہ هن شهر جي بگڙيل صورت ملي ٿي. بلاذري (وفات ۲۷۹هہ)، هن کي "سهبان" ۽ "سدوسان" ڪري لکيو آهي (۶). اصطخري (۷) (چوٿين صدي هجري) ۽ بشاري مقدسي (چوٿين صدي هجري) (۸) بہ "سدوسان" لکيو آهي. مشهور سياح ابن بطوطہ (وفات ۷۷۹هہ) هن شهر جو نالو "سيوستان" لکيو آهي (۹).

---

(۱) جي- لي استرينج، اصطخري ۽ ابن حوقل جي حوالي سان لکيو آهي تہ "فنزبور" (پنج گور) کان سڙڪ "ڪيز" (ڪيچ) ايندي هئي. ڪيز کان ارما بيل (لس ٻيلو) جون ٦ منزلون هيون. ارما بيل کان قنبلي ٻہ منزلون هو. "قنبلي" کان ديبل چار منزلون هو. (ص ۵۰۱)

(۲) منجابري، مانجهند جي بگڙيل صورت معلوم ٿئي ٿي.

(۳) سيوستان (سيوهڻ).

(4) Memoirs of Geological Survey, Vol: 17, Part 1

(۵) ڪاڪو ڀيرومل: سنڌي ٻولي جي تاريخ، ص ۱۲٦.

(6) Gazzetteer of Sind, H.T. Sorley, 1968, P. 143

(۷) هندستان عربون ڪي نظر مين، جلد اول، ص ۹ ۽ ۹۱.

(۸) احسن التقاسيم في معرفة الاقاليم، محمد بن احمد بشاري مقدسي، بحوالہ هندستان عربون ڪي نظر مين، جلد اول، ص ۳۸۲.

(۹) سفرنامہ ابن بطوطہ. جلد دوم، بحوالہ هندستان عربون ڪي نظر مين، جلد ۲، ص ۲۵۸.

سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جي آمد: هينئر سيوهڻ حضرت قلندر شهباز رح جي نالي کان مشهور آهي. حضرت قلندر شهباز مذڪور رستي سان "منگهو پير" ۽ "اڪي" کان ٺٽو سيوهڻ ۾ آيو. سيوهڻ ۾ ڪجهه وقت رهڻ کان پوءِ سنڌ ۽ ملتان جو اڪيلي سر به سير ۽ سفر ڪيائين، ته پنهنجن دوستن، جهڙوڪ: حضرت غوث بهاءُالحق زڪريا ملتاني، بابا فريدُ گنج شڪر ۽ سيد جلال سرخ بخاري سان گڏجي به سنڌ ۽ ملتان وارن علائقن جي ڪيترن ئي ماڳن ۽ مڪانن تي ويا.

تحفة الڪرام ۾ آيو آهي ته منگهو پير، غوث بهاءُالحق زڪريا ملتاني جو همعصر هو. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته حضرت قلندر شهباز جي هن بزرگ سان سندس ملاقات ٿي هوندي، ڇاڪاڻ جو حضرت قلندر شهباز انهيءَ ئي رستي سان آيو هو ۽ اتي سندس آثار به آهن، جن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي. سيوهڻ لڳ لڪيءَ ۾ سيد صدرالدين شاهه لڪياري سان ملاقات ڪيائين. نيرن ڪوٽ جي پيرسان ريحان جنگليءَ سان مليا، جيڪو حضرت زڪريا ملتاني جو مريد هو. بکر ۾ شاهه صدرالدين رضوي جي درگاهه تي چلي ڪڍڻ جي روايت مشهور آهي. پاٽ پراڻيءَ ۾ حاجي اسماعيل پنوهر سان روح رهاڻ ڪيائين. ذڪر ڪيل چئن دوستن جي سير و سفر جا ماڳ به سنڌ ۽ ملتان واري علائقي ۾ مختلف هنڌن تي ملن ٿا. سيوهڻ ۾ يڪٿنبي وارو ٿلهو سندن يادگار آهي، جتي ويهي روح رهاڻ ڪندا هئا. "سرواهي" ضلعي رحيم يارخان ۾ حضرت غوث بهاءُالحق زڪريا ملتاني جي سوٽ "پير موسيٰ نواب" جو مقبرو آهي. ان مقبري جي لڳ هڪ مسجد آهي، جيڪا مسجد "چار يار والي" جي نالي سڏي وڃي ٿي. روايت آهي ته انهيءَ جاءِ تي ذڪر ڪيل چار دوست اچي رهيا هئا. سندن ياد کي قائم رکڻ لاءِ پير موسيٰ نواب اتي مسجد تعمير ڪرائي.

ملتان ۾ آمد: آثار ۽ اهڃاڻ ٻڌائين ٿا، ته حضرت قلندر شهباز جڏهن سنڌ ۾ آيو، تڏهن سير و سفر ڪندي اچي سيوهڻ ۾ رهيو. ان کان پوءِ سنڌ جو سير و سفر ڪندي ملتان ويو. حضرت غوث بهاءُالحق زڪريا سان سندس ملاقات ٿي. ان کان پوءِ ان سان گڏجي سنڌ ۽ ملتان واري علائقي جو سفر ڪيائين. نه فقط ايترو، پر تحفة الڪرام جي هڪ روايت موجب حضرت غوث بهاءُالحق زڪريا ۽ سندس فرزند صدرالدين عارف سان گڏجي سنڌ جو سير وسفر ڪندي ٺٽي جي پير پٺي سان ملاقات ڪيائون.

قلندر نامه جي مصنف لکيو آهي، ته سن ٦٤٩هه (١٢٥١ع) ۾ سيوهڻ ۾ آيو. پير پٺي سن ٦٤٢هه (١٢٤٤ع) ۾ وفات ڪئي. جيڪڏهن تحفة الڪرام جي روايت صحيح آهي ته پوءِ چئبو، ته ٦٤٢هه کان به اڳ سنڌ ۾ آيو. تاريخي شهادتن مان معلوم ٿئي ٿو ته ٦٤٢هه کان اڳ ۾ سنڌ ۾ آيا. ان لاءِ هي تاريخي ڳالهيون ذهن ۾ رکڻ گهرجن:

# ترڪي ۽ سنڌ جو ثقافتي ۽ لساني ڳانڍاپو

ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل

غزنوين جي ڪاهن کان اڳ، ننڍي کنڊ تي ترڪ قبيلن-ڪشن ۽ وائيٽ هنز جون يلغارون به ٿيون، ظاهر آهي ته انهن جي آمد به هن خطي تي ڪي اثر ڇڏيا هوندا. پر ڪنهن محقق اڃا انهن جو مطالعو نه ڪيو آهي ۽ انهن جي نشاندهي نه ڪئي آهي.

دين فطرت يعني اسلام عرب واپارين ۽ ملاحن ذريعي ننڍي کنڊ ۾ پهتو، جن گهڻو اڳ مڪران-هندي سمنڊ جي ڪنارن ۽ خليج بنگال تي اڇي پنهنجون آباديون قائم ڪيون. پر ۷۱۲ع ۾ محمد بن قاسم هٿان سنڌ ۽ ملتان جي فتح ننڍي کنڊ ۾ اسلام جي تاريخ جو نئون باب کوليو ۽ هتان جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت اسلامي اثر کان مستفيد ٿيڻ شروع ٿي. ٽي صديون پوءِ وچ ايشيا جي ترڪ مسلمانن هجرت ۽ فتحن ذريعي ترڪيءَ جو رخ ڪيو ۽ انهن مان ڪيترا هن ڌرتيءَ تائين به پهتا.

عربن جي فتح کان پوءِ ڪيترا مسلمان هندي سمنڊ جي ڪنارن، سنڌ، پنجاب ۽ ڪشمير ۾ اچي آباد ٿيا، ۽ اهو سلسلو غزنوي خاندان جي حڪمرانيءَ تائين هلندو رهيو. سلطان محمود غزنوي کان وٺي ۱۹ صدي جي اڌ تائين، هن ننڍي کنڊ جو وڏو حصو ترڪن، ترڪستان ۽ آذربائيجان جي حڪمرانيءَ هيٺ رهيو. ارغون ۽ ترخان جن ۱۵۲۱ع کان وٺي ۱۶۱۲ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي، سي پڻ ترڪ هئا. ان ڪري انهيءَ ڇوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته سنڌ ۽ هند جي تاريخ، ترڪن جي تاريخ سان ڳنڍي پئي آهي. انهيءَ رشتي سبب ترڪيءَ ۽ ترڪن سنڌ خواهه هند جي ثقافتي ۽ لساني خزاني تي اثر ڇڏيا آهن، تن جي آساني سان نشاندهي ڪري سگهجي ٿي.

ننڍي کنڊ ۽ ترڪي جي وچ ۾ پهريون دفعو ثقافتي لاڳاپن جي ابتدا ۱۴۵۳ع ۾ قسطنطنيه جي فتح بعد سلطان محمد ثاني، جنهن کي فاتح قسطنطنيه (استانبول) سڏيو وڃي ٿو (۱۴۵۱-۱۴۸۱) جي دور ۾ ٿي. انهن لاڳاپن جو جوڙيندڙ هو سلطان محمود شاهه جو وڏو وزير محمود گاوان (۱۴۶۱-۱۴۸۱) جنهن دولت عثمانيه جي تجارتي سرحدن کي ڦهلائي بلقان تائين آندو هو(۱).

سلطان سليم پهرئين (۱۵۱۲-۱۵۲۰) جي ايامڪاريءَ ۾ انهن لاڳاپن ۾ اڃا به وڌيڪ وسعت پيدا ٿي. هن هٿان مصر ۽ عرب دنيا جي فتح کان پوءِ ترڪن جي سياسي، سماجي،

## حوالا

1. Prof. Dr. Halil Inalcik, Bursa, Belleten Say 93, 1960, Vesika 3, 12,40. See also Bernard Lewis, "The Mughals and the ottomans," Pakistan Qnuarterly, Vol: VIII, No:2, p 5.
2. See in the Topkapi Saray archives of Istanbul. written by Amir Kasim Shirwani (d. 1511 A.D.) the Governor of Jeddah, to Muzaffer Shah, the King of Gujrat, under the order of Sultan Salim, T.S. M.A. No: E. 938 Castenheda, IV, 18 and IV, 41 (M.L. Dames J.R.A.S January, 1921, p. 13) Says: Selim urged on the Construction of a large fleet, but did not live to see its completion."
3. Bernard Lewis, op. cit., p. 5.
4. Turkish Lutfi Pasha, Istanbul, 1341, pp. 357 -8; Akhbar-ul-Yamani ff. 33 b, 34 a; Philip Baldaeus. "A Description of the Most Celebrated East India Coasts of Malabar and Coromandal in Churchill's A Collection of Voyages or Travels, Vol. III, London, 1704.
5. Dr Mughal, M. Yakub, Heritage of Common Words in use in Turkey, Pakistan and Iran, Ankara, 1980.

## ماخذات


1. Agakay, Mehmet Ali: Turkiye Sozluk, Turk Dil Kurumn Yayinlari-say: 247, Ankara, 1966.
2. Ahmet Vahit (Moran): English-Dictionary, Istanbul, 1929.
3. Bedeviyan, A.K.: Illustrated Polyglottic Dictionary of Plant Names, in Latin Armenian, English, French, German, Italian and Turkish Language, I. pp-644; II. pp. 455.
4. Fahir Iz and H.C. Hony: An English-Turkish Dictionary, Oxford, 1955,
5. Jarring Gunner: An Turki-English Dictionary, Lund, 1964, pp. 338.
6. Jarring Gunner: Uzbek Texts from Afghan Turkish with glossary, Lund, 1938.

7. Kadiri Huseyin Kazim: Turk Lugati, Vol. 1-4, Istanbul 1927-1945.
8. Red House, Sir James W.: A Turkish and English Lexicon. Constantinople, 1921.
9. Semseddin Sami, Fraschery: Kamus-i-Turki Istanbul 1317/1901, 1-11, pp. 1575.
10. Seyh Suleyman Efendi: Cagatay vc Turki Osmani Lugati, Istanbul, 1298, 1298, pp. 320.
11. Zenker, J. Th: Diclionnaire turc-arabe person Turkish-arabisch-persisches Handwor terbuch, Leipzig, 1866-1876.



ڪري، ليڪ جي ادبي خامين ۽ ڪوتاهين جي نشاندهي ڪندا آهن... باقي هو انهن نقادن جو قائل ئي نه هو، جيڪي ناڪام اديبن مان ڦري نقاد ٿيندا آهن ۽ پنهنجي ادبي ناڪامين جو بدلو تنقيد جي صورت ۾ وٺندا آهن.

نسيم کرل کي دنيا جي ادب جو وسيع مطالعو هو، پر هو ڪڏهن به ڪنهن وڏي ليک ڪان ان حد تائين متاثر نه ٿيو جو سندس فن، ان اديب جي فن جو عڪس ٿي پوي. نسيم جي پنهنجي شخصيت ۾ وڏي انفراديت هئي، اهائي انفراديت هن پنهنجي فن ۾ به قائم رکي ۽ ڪنهن به عظيم اديب جو پڙاڏو نه ٿيو.

زندگيءَ سان ٿيندڙ بي انصافين لاءِ فني ۽ ادبي نوع ۾ انصاف سليندڙ نسيم، خود بي انصافين جو شڪار ٿي ويو ته نه ڪو داد ٿيو ۽ نه فرياد. پر اسان به سندس ڪهاڻي 'چوٿيون در' کي سامهون رکندي، سندس ڪيس ان بادشاهه جي حوالي ڪيو آهي، جنهن جي انصاف جون حدون تمام وڏيون آهن.



لطيف سائين هڪ ساموندي عورت جي لفظن ۾ ڪهڙي نہ سهڻي نموني سان ٻڌايو آهي تہ هو پنهنجي پيار کي ڪيئن ياد ڪندي رهي ٿي ۽ ان ڳڻتيءَ ۾ ڳرندي رهي ٿي تہ شال مان بہ پنهنجي ساٿي کي ياد رهان، جيئن مان هر وقت کيس ياد ڪندي رهان ٿي:

لاهيان جي نہ چتان، الا! ان مَ وسران،
مڙهيو منجهاران، جيءَ منهنجو جن سين.

آخر ۾ اسان اهو چوڻ ۾ حق بجانب آهيون تہ شاهہ لطيف فلسفي خيالن جي اڏام ۽ آفاقي قدرن جو صاحب آهي. ڪالرج ۽ هيمنگوي کان ساموندين جي زندگي ۽ رهڻي ڪهڻي پيش ڪرڻ ۾ ڪافي اڳيرو آهي. فرق صرف اهو آهي تہ انگريزي ٻولي جي ڪري هو دنيا جي سڀني قومن ۾ ڄاتا ۽ سڃاتا وڃن ٿا، جڏهن تہ شاهہ لطيف تي اسان وٽان ايترو ڪم نہ ٿيو آهي، جو عالمي ادب ۾ کيس اعليٰ ڪري ليکيو وڃي.



# شڪارپور جون ادبي انجمنون ۽ اشاعت گهر

[آزاديءَ کان اڳ - ۱۸۴۳-۱۹۴۷ع]

انور "فگار" هڪڙو

انگريزي راڄ ۾ سن ۱۸۵۳ع ڌاري جديد سنڌي آئيوٽا تيار ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جي مختلف وڏن شهرن ۾ جديد تقاضائن جي پيش نظر اشاعتي ادارا قائم ٿيندا رهيا ۽ مختلف موضوعات تي سنڌي علم ۽ ادب جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ ڪتاب شايع ٿيندا رهيا. انهن مشهور شهرن ۾ شڪارپور شهر به پنهنجي انفرادي حيثيت ڪي ميڙايو. هتان وقت بوقت طبي، اسلامي، درسي، سياسي، تعليمي ۽ ادبي ڪتاب شايع ٿيندا رهيا. موضوع جي مطابقت موجب انهن اشاعت گهرن کان علاوه ادبي انجمن جي ادبي ۽ تاريخي حيثيت تي به روشني وجهجي ٿي.

## (۱) پوڪرداس اينڊ سنس

سنڌي نثر خواهه نظم جي وڏ ۾ وڏ ڪتابن جي اشاعت جو سهرو هتان جي مشهور پوڪرداس ٿانورداس جي سر سونهي پيو.

لطف الله بدوي لکي ٿو ته سن ۱۸۸۲ع ڌاري سرگواسي مسٽر پوڪرداس ننڍڙي پئمالي تي ڪتب فروشي جو دڪان کوليو(۱) جڏهن ته ڊاڪٽر غلام علي الانا جن لکن ٿا ته ۱۸۸۶ع کان مسٽر پوڪرداس شڪارپور واري ڪتابن ڇپائڻ جو سلسلو جاري ڪيو(۲). منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته: شڪارپور مان مسٽر پوڪرداس ۱۸۸۵ع ۽ سکر مان ماسٽر هريسنگهه ۱۸۸۸ع جي ڪتبخانن مان ڪيترا ازغيبي ۽ ڪرامتي (Super Natural) قصا لکرندا آيا(۳). پوڪرداس صاحب نصابي ڪتابن کان سواءِ ابتدائي نثر جا ڪتاب، قصن، ڪهاڻين، داستانن ۽ ناولن کان علاوه ڪيترائي شعر و شاعري جا ڪتاب ابوالحسن جي سنڌي (جهڙوڪ: نورناما، جنگناما) ۽ مولودن جا ڪتاب وغيره ۽ جديد سنڌي آئيوٽا ۾ ليٿوگرافي ۽ جديد ٽائيپ ۾ شايع ڪرائي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي امر ڇاپ ڇڏي.

---

(۱) جوڳي لطف الله. مضمون: "خادم شڪارپوري" ماهوار "سنڌو" ڊسمبر ۱۹۳۵ع، ص ۲۸.
(۲) الانا خواجه غلام علي: "سنڌي نثر جي تاريخ" ادبيات پبليڪيشن حيدرآباد، ڇاپو اول، مئي ۱۹۶۶ع ص ۱۰.
(۳) ملڪاڻي منگهارام، پروفيسر: "سنڌي نثر جي تاريخ" زيب ادبي مرڪز حيدرآباد سال ۱۹۷۷ع ص ۴۳.

پاران ١٨ کان ٢١ جون ١٩١٥ع تائين شڪارپور ۾ "شڌ آهارسميلن" ڪيو ويو هو. فيبروري ١٩١٦ع ۾ هن منڊر پاران ڊاڪٽر ڪشنچند مولومل ٻولچنداڻي جو ڪتاب "شراب جا جسماني نقصان" شايع ڪرايو ويو هو.

## (٧) اسرار صحت دواخانہ

شڪارپور شهر ۾ جتي علم و ادب کي فروغ ڏيڻ لاءِ ڪيئن اشاعتي ادارا قائم ڪيا ويا هئا، اتي حڪمت کي بہ عام ڪرڻ لاءِ وڏي ڪوشش ڪئي ويئي هئي. اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ، ماضي قريب ۾ شڪارپور جي رهاڪن جي طب سان گهري دلچسپي هئي، حالانڪ هتان جا ماڻهو سرڪاري ملازمت سان وابستہ هئا ۽ وڏن وڏن عهدن تي فائز رهيا، تڏهن بہ ٻين علمي، ادبي ۽ ثقافتي دلچسپين کان علاوه طب بہ سندن محبوب مشغلو هو. مطلب تہ هتان جا رهواسي هر ڪنهن خواهہ هنر جا ڄاڻو ٿي رهيا آهن. ورهاڱي کان اڳ شڪارپور شهر ۾ طب کي فروغ ڏيڻ لاءِ هڪ طبي ڪاليج پڻ قائم هو، جنهن ۾ هتان جو مشهور حڪيم ڏنراج مل هاسانند پنجابي طبي تعليم ڏيندو هو. ان طبي ڪاليج کان علاوه سندس دواخانو "اسرار صحت" جي ٽالي سان دادوائي روڊ تي واقع هو. سندس هٿ شفا ۽ صحيح علاج ڪري وٽانس ڏورانهان ڏيهي بہ اچي علاج ڪرائي صحتياب ٿي ويندا هئا.

حڪيم ڏنراج مل پنجابي ۽ سندس سهاتر ديوان پچن لال گدڙجي ١٩١٥ع کان "سک جو سنيهو" نالي هڪ ماهوار رسالو جاري ڪيو، جيڪو لڪشمي پرنٽنگ پريس شڪارپور، دياسنگهہ ريلومل بجلي پريس شڪارپور ۽ شڪارپور گزٽ پرنٽنگ پريس شڪارپور مان ١٩٤٧ع تائين شايع ٿيندو هو.

انهيءَ رسالي کان علاوه اسرار صحت دواخانہ پاران حڪيم ڏنراج مل جا تصنيف ڪيل هيٺيان ڪتاب شايع ڪرايا ويا هئا.

(١) طلسم حڪمت، (٢) رسالہ امراض مخصوص مرد، (٣) جواني جو جتائُ، (٤) رسالہ حمل (حمل جي حقيقت)، (٥) ٻچن جي پرورش، (٦) رسالہ امراض مخصوص زنانہ ڀاڱو اول ۽ ٻيو، (٧) تشريح جسماني، (٨) تحفہ سرماء اول، (٩) تحفہ سرماء ٻيو، (١٠) ڀوتنين جا گڻ، (١١) ڪاريگر، (١٢) لذت الوصال،

## (٨) سنڌي ساهت سميلن شڪارپور

آغا صوفيءَ جي ڪوشش سان ١٩٢٠ع ڌاري سنڌي ساهت سميلن جو بنياد پيو. هن ساهت سميلن هيٺ گيت سنگيت جا پروگرام، ادبي ڪچهريون ۽ مشاعرا ٿيندا هئا(١). هن سنڌي

(١) ڊاڪٽر اياز حسين قادري: "سنڌي غزل جي اوسر": ڀاڱو پهريون: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، جون ١٩٨٢ع، ص ٢٩٢.

| | |
|---|---|
| صدر. | جناب لعل بخش ابڙو |
| نائب صدر: | جناب نظر محمد بابلاڻي |
| سيڪريٽري. | جناب لعل محمد "لعل" |
| پروپئگنڊا سيڪريٽري: | جناب جعفر علي شيخ |
| خزانچي: | جناب امير علي شيخ |
| آڊيٽر: | جناب شفيع احمد علوي |

هن سوسائٽي جي آفيس شيخ محلہ ۾ مسٽر نظر محمد بابلاڻي جي اوطاق ۾ قائم هئي. هن سوسائٽي جو مقصد هو مشاعرا ڪرڻ، مضمون لويسي ڪي ترقي وٺائڻ، لٽر ڪي عروج تي رسائڻ ۽ فن تقرير کي زور وٺائڻ لاءِ تقريري مقابلا ڪرائڻ. هن سوسائٽيءَ جي هر ميمبر کي درماهہ ۲- آنہ چندو ادا ڪرڻو پوندو هو.

## (۳۰) زندگي پبليڪيشن

هي پبليڪيشن شڪارپور جي مشهور صحافي بهاري لعل هريرام ڇابڙيا سن ۱۹۴۶ع ۾ قائم ڪئي هئي. هن پبليڪيشن پاران سندس ترجمو ڪيل ناول "ويرداس" (شرت بابو جو) ۽ "پہ پيٽر" (ٽاگور جو) شايع ٿيا هئا.



ڀسالیت ۽ محرومیت جي ڪرد ڦري ٿي. تاج فطرت جي حسن جو پرستار ۽ شيدائي آهي، پر ورڊسورٿ (Wordsworth) وانگر بي‌جان شين جي حسن جو شيدائي نه آهي، بلڪ هو متحرڪ حسن ڀانئي جو جذباتي پرستار آهي. ان ڪري هو فطرت جي سموري خوبصورتيءَ کي عورت يا محبوبہ جي مادي شڪل ۾ ڏسي ٿو.

تو جي وار هوا تي چوڙيا–
ميگهہ ملهار جي موسم موٽي،
چڪ ۾ پوتيءَ جي ڪُنڊ جهلي،
پير جي لَتهن سان
تو جي ڌرتيءَ کي ڪوٺيو
خوشبو جو ساگر چلڪي پيو
تو جو مرڪيو
ڌرتيءَ ڪان آپ–ڪنارين موتيا مهڪيا،
چانديءَ جي جلون جو نور پري پيو... (خوشبوءِ جو زهر ص ٨٠)

ڪيئن موهيندڙ يون رنگ رلڪ ساڙهيون،
جنهن کي هرڪايو چيٽ جي چولي.
سون سان ٻَس جي سفر ۾ ٿهر ڪيا،
جهڪيس، دهري، نَتُ ۽ ٻولي.

جيئن ابر آسوندَ رهي سپ سموند جي،
ٻون ڪان سواءِ هوءَ ائين ترپندي هئي.
منهن جي اڳن اچي هئو جڏهن سهڙلدي هئي،
خوشبو ڳلي ڳلي ۾ پئي مهڪندي هئي.
چڻ عطر ۽ عنبير کي شرمائيندي هئي،
چوڙي ڪُلهن تي وار جڏهن جهومندي هئي...
چانڊوڪين جو روپ وٺي جرڪندي هئي،
ڪا باه لائي برف ۾ ائين ڀڙڪندي هئي.
ڪو رنگ هو، بهار هئي، روشني هئي. (ص ٦٠)

ڪري، ڪئي ڪئي سنڌس شاعري ۾ فرائڊ واري رومانيت (Fruadian Romanticism) جو ڪي جهلڪي لو.

روز ساڙهيون ٿي ايون بدلائي،
هن جي چپڙن تي لوان رنگ رچن
هن جي پلڪن تي چمر پئي گهايل
لين ميخالي جون مائيون گهائيون،
هٽ مينديءَ ۾ رتل،
۽ لئين ڪنوار جيان،
روز پازيب لوان ٿي پائي
پير چمڪائي جڏهن؛
هار سونگار ڪري ٿي لڪري
جنهن به محفل ۾ وڃي،
پنڊ پاهڻ ٿي پون ٿا مالهو
۽ جي مُرڪي ته وري ساهه ڪٽن ٿا مالهو
هڪ ڪري هن جي بدن جو جادو
سڀ ڪي خوشبو جي زهر ۾ جڪڙي
اهڙو زهر آب ڪري ٿي تخليق
جيڪو ايئي سو جيئي
هن جي جذبن ڪي جو سمجهي چاٽي
هن جي جوبن ڪي جو چوڙي مائي،
هوءَ رڳو آهه الهيءَ جي سالڻ،
هوءَ رڳو آهه الهيءَ جي سالڻ.

جيئن ته مان هن ڪان اڳ ۾ به اهو ذڪر ڪري آيو آهيان ته 'تاج' پنهنجي شاعريءَ ۾ عورت کي مجرد عورت جي حيثيت ۾ يعني محبوبه جي حيثيت ۾ به رهيو آهي ۽ ان کي علامت طور (Symbolize) به ڪم آندو آهي. اچو ته هن لظم جون چند سٽون ڏسون؛

ڌنڌ ڊالڪر ساڻ تو شادي ڪئي،
گهر وسايئي-
ڪار، بنگلو، هر خوشي تنهنجي غلام
تنهنجو سوشل اسٽيٽس
هر گهڙي توکي سلام
اوچي طبقي جون سموريون بيگمات

رشڪ سان توڏي تڪيو، ڪاميو وڃن،
تنهنجون الڏاٽ رنگ جهڙيون ساڙهيون،
منهنجي ڪنڌ ۾ پرس پئسن سان ڀريل
خوبصورت سئنڊلن جا ڪيئي جوڙا-
قيمتي سڀ ڳهه ڳهڻا ۽ زيورات
هڪ جهڙي زندگي،
ٻنهي سوچن جو سوڙهو سلسلو-

[چند لالچنوڻ رچايل]

تون جڏهن چپ چاپ مون ڏي،
پيار جون نظرون ڪئي،
اکين نهاريندي هئين،
جن ۾ منهنجا گيت ۽ سارا غزل
ها لکيل تنهنجي لئه
ياد اٿيئي ياڪ سڀ وسري ويئي؟
هاڻ جڏهن مڙس تنهنجو-
ويٺو هي مست ٿي
گيت جي منهنجا ٿي ڳائيندو رهي
تنهنجو ڪهڙو حال ٿيندو آ پرين،
تنهنجو ڪهڙو حال ٿيندو آ پرين.

اهاڻ ۽ اچو ته ان ساڳي نظر جون اختيار واريون سٽون ڏسون

گيت وايون، نظر ۽ دوها،
منهنجو سرمايو سڄو،
تنهنجي نظرن جا ڪنول
منهنجا غزل
وقف آهن ساڳي مقصد واسطي،
ساڳيو منهنجو آدرش
ساڳيو جيون
ساڳيون منهنجون عام واريون حالتون،
تو ۾ مالي زندگي،
۽ مون ۾ چوڙي زندگي.

حسرتون، درد، لڙڪ ۽ آهون،
ڪو اسان جي بہ دل تہ ڇاڇولي،
چوطرف آهي ٻات اولداهي،
ٻوء بہ ڪوئي روشني ڳولي،
ڪافي هائوس، ميڪدو يا ڪلب،
ٻي طرف ڪوڙ 'تاج' ڪي ڳولي.

زخم هڪڙو ڪو هجي سو ڇينيان،
آءٌ ساروئي ڦٽيو پيو آهيان،
جنهن ۾ آواز نہ ڪا موسيقي،
اهڙو خاموش مان سڏڪو آهيان.

بند پڪو لڙڪن جو،
خواب لڙهي ويا آهن،
"تاج" نہ ڏٺڪو جاڻي،
دوست رُسي ويا آهن.

زندگي کي ٿڙن ڪو روپ ڏيون،
ڏينهن ڳهرا جبل جيان آهن،
جيڪي طوفان ٻاهر جا آيا،
منهنجي پلڪن تي جل جيان آهن.

غم دوران ۽ غم زندگيءَ جي موضوع تي 'تاج' پنهنجي غزلن ۾ تمام گهڻو چيو آهي ۽ اهڙا انمٽ نقش ڇڏيا اٿس، جيڪي جديد سنڌي شاعريءَ جي سيني تي چنڊ وانگر چمڪندا رهندا. اچو تہ هي سٽون ڏسون:

ڪيڏانهن اڏائي خوشبو،
اجڙيل گهر، گل ۽ گلدان،
پنهنجي ئي من-ٻيڙا ۾،
ڏک آهي سري ويو انسان.

ڪنهن انگريز نقاد سچ لکيو آهي تہ رومانوي شاعر جو پنهنجو جهان آهي، جنهن ڪي هو پنهنجي Feelings جي حوالي سان ڏسي ٿو.

سڀ وساري ڇڏيون،
آءُ هڪ تي وڃون.

هر ڀرڇي ته ڇا؟
هن کان وڇڙي وڃون!

ڀاڻ وٽ دل ڏي دل،
ڇا ڏيون ڇا وٺون.

سونهن ڪمزوري آهي،
تاج ڪاڏي وڃون.

'تاج' پنهنجي غزلن ۾ نيون تشبيهون، نوان خيال ۽ اوان لفظ اهڙيءَ طرح ته ڪم آندا آهن، جو حيرت وٺيو وڃي. تاج جي غزل ۾ شعريت، تغزل کان سواءِ نغمگي جو ڀڻ زور آهي. ائين ٿو لڳي ته ڄڻ تاج ڪومل ڪومل ۽ سندر سندر لفظن جي گلابن کي پوئي هڪ هار ٺاهيو آهي. سندس غزلن ۾ جادو جهڙو اثر آهي، جن ۾ الوکا خيال ۽ اڻ ڏٺل جذبا تڙپي رهيا آهن:

مان ته ويس پٺي الائي ڪيڏانهن؟
تنهنجي در تي اڃي ڀهتو آهيان.

فرش تي پار ڪيا جي ليڪا،
آنءُ ٻي ناڻءُ سو جذبو آهيان.

جنهن ۾ نفرت جا وڏا ويا سڪا،
مان اهو پيار جو ڪشتو آهيان.

زخم هڪڙو ڪو هجي سو چيئيان،
آنءُ سارونئي ڦٽيو پيو آهيان.

هن اچڻ لاءِ چيو پي ناهي،
پوءِ ڇو راهه ۾ بيٺو آهيان.

ڪنهن جي يادن جا اٿر ساڻ هجوم،
ڪيئن چوان تاج اڪيلو آهيان.

'تاج' جا لفظ بہ شاهڪار آهن، هن الهن ۾ نهايت طاقتور Imagery علامتن، مترنم لفظن ۽ بي پناهه ردم جي ذريعي جان وجهي ڇڏي آهي.

"If the poetry is intuition and expression, the fusion of sound and imagery, what is material which takes on the form of sound and imagery? It is the whole man; the man who thinks and wills, and loves, and hates, who is strong and week, sub-lime and pathetic, good and wicked, man in the exaltation and agony of living, and together with the man, integral with him, it is all nature in its perpetual labour of evolation. But the thoughts and actions and emotions of life, when sublimated to the subject matter of poetry are no longer the thought that Judges, the action effectually carried out, the good and evil, or the Joy and pain actually done or suffered. They are all now simply passions and feelings immediately assuaged and calmed, and transfigured in imagery. That is magic of poetry."

۽ ’تاج‘ پنهنجي شاعريءَ ۾ اهو magic پيدا ڪيو آهي.

’تاج‘ پنهنجي نظمن ذريعي جيڪي Cmomunicate ڪري ٿو، تنهن تائين پهچڻ هرڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي. مثلاً سندس نظم ’زندگيءَ ڪي فنا ناهي‘ ۽ ’ادراڪ“ وغيره ڪيڏا نه اونها آهن، جن جي پاتال تائين پهچي معنيٰ جا موتي آڻڻ آسان ڳالهه نه آهي ۽ ان لاءِ ڪتاب درڪار آهن. سندس نظمن مان رڳو ’درد جو الڪاس‘ ئي ڏسو: هن نظم ۾ ’تاج‘ جي سامهون زندگيءَ جي متحرڪ، غيرفاني ۽ جامع هئڻ جو مسئلو آهي، جنهن کي هو شعوري طور حل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل لڳي ٿو جڏهن هو ان پيچيده (Complex) صورتحال ۾ منجهي پوي ٿو، تڏهن هو پاڻ کي پنهنجي ذات ۾ محدود ڪري ٿو. هتي شاعر جيڪا ’ذات جي قيد‘ واري علامت ڏيکاري ٿو، سا ڪيترن ئي طريقن ۾ پاڻ کي ظاهر ڪري ٿي. هتي شاعر پاڻ کي ’انسانيت‘ (ماڻهو) جو نمائندو سمجهي ٿو ۽ سچ به ائين ئي آهي.

"The humanist poet is nucleus of his world, the focus of intelligence and intellectual progress.

هو ٻاهرين دنيا کي وحشت ۽ بربريت مان ڀريل ڏسي، انسانيت جي قيد کي ئي پاڻ لاءِ ترجيح ڏئي ٿو ته جيئن هو ٻاهرين دنيا جي مروج نظام کي تهه وبالا ڪرڻ لاءِ ڪو مضبوط هٿيار هٿ ڪري سگهي. هو زندگي کان منقطع ٿي ذات جي آغوش ۾ پناهه وٺي مڪمل آرام ڪرڻ گهري ٿو، اِن لاءِ ته جيئن هو مزاج جي مڪمل ڪيفيت مان ڪا طلوع ٿيندڙ سراسر روشني، خير ۽ صداقت پيدا ڪري سگهي. هيءُ ’ذات جي قيد‘ ۾ رهڻ وارو مسئلو مذهب ۾ به اهم آهي ۽ قلب ماهيت لاءِ ضروري آهي. اهو ساڳيو مسئلو اڄڪلهه نفسيات جو موضوع بحث پڻ آهي. نفسيات وارن اِن کي The night journey جو نالو ڏنو آهي. شاعر جي زندگي، جيڪا اگرچه تنها آهي، ليڪن ٻاهرين شر مان ڀريل دنيا، جنهن ۾ فساد، پاپ، ظلم،

دهشت، بربريت، افلاس، حق سلبي، زبان بندي، خود نيلامي ۽ روپ بهروپ شامل آهن، ان کان ڇڪي آهي. ان ڪري هو ذات جي قيد مان نڪري مستو ٿيڻ يا پنهنجي خودداري يا پنهنجي منصبِ انسانيت تان هيٺ لهڻ نه ٿو گهري يا بهروپيو ٿيڻ نه ٿو چاهي. جيڪو يقينا سندس ذات جي آدرش جي خلاف آهي. اڄڪلهه جي جديد شعرا حضرات جي اڳيان اهو ئي اهم مسئلو آهي. مغربي نقاد ان جي نشاندهي هن ريت ڪن ٿا:

"The modern poet is before all things honest. He does not write for fame, nor for money, he would be disappointed if he did. He merely writes to vent his own spleen, his own bitterness, his own sense of disparity between the ugliness of the world and the beauty of the world that might be. He is trapped in a mechinical Civilization. Every where about him are steel cages and grinning futile faces of slaves. There is no beauty in the characteristic product of age-machinery; that is sentimental notion. There is no beauty in anything rational only, at the best, the harmony of numbers. Beauty emerges from the unknown, often from the insane. it may be a combination of objective facts, but it is generally an irrational and unforeseen combination. It may inhabit the sphere of intelligence, but control intelligence. It is the pattern of intelligence but not intelligence itself."

'تاج' وٽ احترام ذات آهي. هن کي خبر آهي ته شخصيت ڪيترين ئي خوبين جي مجموعي تي مشتمل آهي، جن مان ڪنهن به هڪ کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي ۽ شخصيت جو هرجزو ايترو ئي قابلِ احترام آهي، جيتري ذات آهي. ان ڪري 'تاج' پنهنجي ذات يا شخصيت جي قرباني ڏيئي، زماني جي لذتن لاءِ سازباز ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. هو تيستائين خارجي دنيا جي ڪنهن به بهروپئي سان ملڻ لاءِ تيار نه آهي، جيستائين 'هو' پنهنجي ذات جي بند خول کان ٻاهر نه ٿو اچي، يعني مصنوعي روپ کي خيرباد چئي، حقيقي روپ اختيار ڪري، سچائي ۽ صداقت جو نمائندو ٿي اچي ۽ ڪو اعليٰ آدرش کڻي اچي ته پوءِ ئي ان سان ملاقات ممڪن آهي. 'تاج' هڪ اهڙو شاعر آهي، جيڪو تاريخ جي ڪرب کان آگاهه آهي ۽ معاشري جي اونچ نيچ ۽ ان جا مغلطات کيس پنهنجي لائحہ عمل متعين ڪرڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا. ڇاڪاڻ ته هو جڏهن پنهنجي داخلي دنيا کان ٻاهر خارجي دنيا ۾ ليئو پائي ٿو ته کيس رنج و الم کان سواءِ ڪجهه نظر نه ٿو اچي. هربرٽ ريڊ (Herbert Read) جديد شاعر جو قيود و متناهيات متعلق لکندي چوي ٿو:

"Today the poet could only gain the conditions of contemplation by renouncing civilization by retiring to hermitage or a desert Island. To be part of our civilization is to be a part of ugliness and hast, and economic barbarism. It is to be a butterfly on the wheel.

اِن ڪري ’تاج‘ بہ ٻين جي وات وٺڻ بجاءِ پنهنجي وات تلاش ڪري ٿو. سندس نظم ”پڌ رنامون“ اهڙي بغاوت جو اعلان آهي. ان مان معلوم ٿيو تہ هو پنهنجي لاءِ اهڙا آدرش چونڊڻ چاهي ٿو، جيڪي ٻين کان قطعاً مختلف هجن يعني هو موجوده معاشري ۽ تهذيب جون اکيون ٻوٽي مقلد ٿيڻ نٿو گهري، ڇاڪاڻ تہ هر وڏو شاعر ڪنهن تاريخي لهر يا دور جو محتاج نہ هوندو آهي ۽ نہ ئي سندس فني علويت ۽ ارتقا ۾ ڪو ان دور جو هرويرو ايڏو حصو هولدو آهي. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ائين هجي ها تہ پوءِ انساني تاريخ ۾ ڪي اهڙا دور بہ گذريا آهن، جن جو سماجي Impact تہ تمام وڏو آهي، ليڪن ان دور جي ادبي اوسر ۾ ڪا بہ اهميت ڪانہ رهي آهي. مثلاً سنڌ جي تاريخ ۾ ارغونن ۽ ترخانن جو دور اهڙو گذريو آهي، جنهن جا پنهنجا سماجي (Social Implications) اثرات تہ آهن، پر ان ۾ ڪو قابل ذڪر ادب پيدا نہ ٿيو آهي يا اسان جي ويجهڙ واري دور ۾ صنعتي انقلاب جو مثال وٺو، باديالنظر ۾ صنعتي انقلاب جو ڪيڏو نہ ڌڪاءُ آهي، جنهن روزمره جي معاشي زندگيءَ کي لوڏي ڇڏيو آهي، مگر ادب ۽ آرٽ ۾ اهڙو Phase شاذو نادر ملندو، جنهن ۾ ان جو ڪو ايڏو وڏو اثر ٿيو هجي. البت ڪي اڻ ٽر تبديليون وري صنعتي انقلاب جي ڪُک مان پيدا ٿيندڙ سماجي انقلاب ۽ ان کان بعد سائنسي تحريڪ (Scientific movement) جي ڪري آيون آهن. ان ڪري ان چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ تاج برابر ون يونٽ واري دور ۾ اپريو آهي، پر هو ان جي سڌيءَ طرح پيداوار Product نہ آهي. جيڪڏهن ون يونٽ واري گهل سنڌ صوبي ڪي نہ وڪوڙي ها تہ بہ هو ايڏو ئي شاعر هجي ها، جيڏو هُو اڄ آهي. منهنجي چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ تاج ڪو سياسي اٿل پٿل جو محتاج نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ سياسي اٿل پٿل جي پيداوار وارا شاعر پروپئگنڊا جو شڪار ٿي، ان دور سان مخصوص ٿي ويندا آهن ۽ انهن جي سڃاڻپ ان دور جي سياسي اٿل پٿل جي حوالي سان ئي ٿي سگهندي آهي. پر تاج جيئن تہ مستقل اقدار جو شاعر آهي، ان ڪري هن جي شاعري ڪنهن دور سان مخصوص نہ آهي. مشهور نقاد هربرٽ ريڊ بہ تقريباً اهڙي ئي ڳالهہ چئي آهي:

"Art transcends the conditions that create it, and cannot therefore be explained by those conditions.

"The Poet is not a direct product of civilization. It can not maintained that the greater the civilization, the greater will be its poets."

”ترقي پسند تحريڪ“ جيئن آءٌ منڍ ۾ لکي آيو آهيان تہ ”بالشويڪ انقلاب“ جي اثرات جو سڌو سنئون نتيجو آهي. ”بالشويڪ انقلاب“ مارڪسزم جو پيدا ڪيل ٻچڙو آهي. مارڪسزم (Marxism) جو بنياد جدلياتي ماديت (Dialectical Materialism) تي آهي، جنهن ۾ طبقاتي ڪشمڪش تي يقين رکيو ويو آهي. ڪارل مارڪس ۽ اينگلز مطابق انساني سماج جا مختلف نمونا ان ملڪ جي اندر ڪنهن مخصوص دور ۾ رائج پيداوار جي طريقن ۽ ورهاست

مان ايرن ٿا، جيڪي سياست، قانون، مذهب، فلسفي، ادب ۽ آرٽ تي محيط آهن. خود اينگلز وضاحت ڪندي هڪ هنڌ لکيو آهي ته :

"These departments, all react upon one an other and upon the economic base. It is not the case that economic situation is the sole active cause and everything else only a passive effect. But there is a reciprocal interaction within a fundamental economic necessity, which in last instance always asserts itself."

"ترقي پسند ادب" جو موضوع بلاشڪ "اشتراڪيت" آهي. "ترقي پسند ادب" جي حوالي سان اشتراڪيت هڪ فلسفيانه نظام به آهي ته هڪ اقتصادي طريقو، جنهن جا آدرش ۽ اصول نرالا آهن. "ترقي پسند اديب" اشتراڪيت کي وڏي پس منظر (Wide perspective) ۾ ڏسن ٿا، جنهن جو بنياد "موقعن جي هڪجهڙي فراهمي" ۽ "ٻين جي محنت مان ناجائز فائدو حاصل نه ڪرڻ" جي اصولن تي پڌل آهي. ترقي پسند حضرات انساني سماج ۾ هر شيء کي معاشي زاويء نگاهه سان ڏسن ٿا. هنن جي خيال موجب ادب، اخلاقيات، سياسيات ۽ مذهبيات وغيره سڀ اقتصادي تعبير جا محتاج آهن. جيتوڻيڪ بورزوائي اديب به معاشي مسئلي کي گهٽ اهميت ڪونه ٿا ڏين، ليڪن بورزوائي ۽ ترقي پسند اديبن ۾ بنيادي طور زاويء نگاهه جو فرق آهي. هنن ٻنهي وٽ ترجيح ۽ توجيهه جو فرق آهي. سرمايدارانه ادب ۾ بورزوائي اديب مزدورن جي حقن جي مقابلي ۾ سرمايدار جي اختيارن ۽ پيداوار ۾ بي تحاشا اضافي جي ڳالهه ڪن ٿا، پوء ان لاء سندن توجيهه وطن ۽ قوم جو حوالو به ٿي سگهي ٿو. پر ترقي پسند اديب هر حالت ۾ ۽ هر حوالي جي باوجود مزدورن جي حقن جي حمايت ڪن ٿا. ان ڪري ترقي پسند اديب "ادب براء ادب" ۽ ادب جي خالص جمالياتي نظرين جي مخالفت ڪن ٿا. سندن نقطء نظر موجب اهي شيون ادب ۾ "آفير" آهن، جنهن سان محنت ڪندڙن جي ذهن کي اقتصادي مسئلن کان موڙيو وڃي ٿو. هندستان ۾ جڏهن "ترقي پسند مصنفن جي انجمن" جو بنياد رکيو ويو ته انهن پنهنجي ابتدائي منشور ۾ ترقي پسند ادب جي پڻ وضاحت ڪئي:

"اِس وقت هندوستان ميں انقلابی تبديلياں رونما ہو رہی ہيں.... پرانے تہذيبی ڈھانچوں کی شکست و ريخت کے بعد سے ابتک ہمارا ادب ايک گونہ فراريت کا شکار ہے.... ہندوستانی اديبوں کا فرض ہے کہ وہ ہندوستاني زندگی ميں رونما ہونے والی تبديليوں کا بھرپور اظہار کريں اور ادب ميں سائنسی عقليت پسندی کو فروغ ديں جس سے خاندان، مذہب، جنس، جنگ اور سماج کے بارے ميں رجعت پسندی اور ماضی پرستی کے خيالات کی روک تھام کی جا سکے۔ ان کا فرض ہے کہ وہ ايسے ادبی رجحانات کو نشو و نما پانے سے روکيں جو فرقہ پرستی، نسل، تعصب اور انسانی استحصال کی حمايت کرتے ہيں.. . ہم چاہتے ہيں کہ ہندوستان کا نيا ادب ہماری زندگی کے بنيادی مسائل کو اپنا موضوع بنائے۔ يہ بھوک،

ڏور ڪهڙو ۽ ڏاڍو اوکو!
ڪٿي انهيءَ ڪي هلندو ڪير!
ٿل انهيءَ تي ٻڙهندو ڪير!
ڳل انهيءَ تي چاڙهڻ خاطر
پنسو پنجڙ ڏيندو ڪير'؟
ڏپ اچي ٿي!!
پنهنجي دانوڻ ۾ جهاتي پايو،
ڪيڏا بدبودار آهيو!!

*　　*　　*

هي ٻه مٺو آ سک وکهي،
هي ٻه مٺو آ ٻک وکهي.
اچو ته سندس هڪ ٻي نظر 'شاعر ۽ پتنگ' جو ٿورو مطالعو ڪريون.
آءُ ليڪن،
ڪنهن جي ڪٽهُري ۾ پسيني سان پريل،
زخمي بدن جي ياد ۾.
جنهن جون اکيون چڻ ته ويران کوهه
جنهن جو چهرو زرد زرد
پيٽ سان پٺر ٻڏل
جيڪو چمنيءَ جي دولهين ڪي.
پاڻ ٻاري پي سلامت ٿو رکي،
جيڪو سونا سنگ ڌرتيءَ مان آڻائي،
پاڻ ناقا ٿو ڪدي
جنهن جي ڏاتي ۽ هٿوڙي تي اچا،
زنگ ڪو ناهي چڙهيو،
جيڪو ظاهر ۾ گهڻو ڪمزور آهي پوءِ پي،
ڏاڍ جي اکين ۾ ٿو اکيون وجهي،
ظلم ڪي ڏارڻ ۽ تارڻ واسطي،
پنهنجي هستي کي بچائڻ ۽ مهائڻ واسطي،
جڳ ۾ ناانصافي، ناهمواريءَ جي خلاف آهي.
رات ڏينهن هلچل ۾ جو آهي رڌل
امن جو پيغامبر،
منهنجو سو محبوب آهه.

ڪي ڇهي رهيو هجي. ٻئي طرف تعليم جو تناسب ۽ معيار ٻہ پورو سارو آهي. ان ڪري علامتي زبان تائين عام قاري پهچي نٿو سگهي.

تاج جون شاعرانہ صلاحيتون منجمد نہ بلڪ متنوع رهيون آهن. سندس شاعري رومانويت جي غلبي جي باوجود بہ هڪ سچي ترقي پسند جي شاعري آهي، جنهن ۾ انسانيت پسندي ۽ حقيقت پسندي ميڪانيڪي نہ بلڪ سچن جذبن جي عڪاس نظر اچي ٿي. تاج جيڪو ڪجهہ لکيو آهي، سو مڪمل خودسپردگيءَ جي عالم ۾ لکيو آهي. تاج پنهنجو ذهن ۽ دماغ پنهنجي شعرن ۾ اوتي يا تحليل ڪري ڇڏي ٿو. هو پنهنجي تخليق ۾ جذب ٿي وڃي ٿو ۽ پڙهڻ ڪان پوءِ ائين پيو لڳي تہ سندس شخصيت جو "ذات پرج" Extinction of Personality ٿي ويو آهي. ليڪن اهڙين تخليقن کان پوءِ بہ سندس ذات جوان آهي. تاج جي شاعري صاف شفاف شاعري آهي، جيڪا ڪنهن متجددانہ تفلسف ۽ متصوفانہ ابتذال کان پاڪ آهي.



# سنڌالاجي- سنڌ جي ثقافت جو امين ادارو

غلام رباني آگرو

[ نوٽ: سنڌالاجي جي سلور جوبلي تقريبات — ڊسمبر ١٩٨٧ع جي لوڪ سنگيت محفل ۾ مهمان خصوصي طور ڪيل تقرير جو متن. ]

سنڌ يونيورسٽيءَ جا لائق ۽ فائق وائيس چانسيلر محترم مظهرالحق صديقي صاحب.
سنڌ جي قابل فخر نياڻي، سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر محترمه مهتاب راشدي صاحبه.
سنڌ يونيورسٽيءَ جا لائق صد احترام استاد صاحبو.
سنڌ جا عالي مرتبت اديبؤ، منهنجا هم قلم ساٿيو ۽ عزيز ڀائرو.
پيارا شاگردو.

اڄ اسان سنڌ يونيورسٽيءَ جي ممتاز ۽ مستعد اداري انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي سلورجوبليءَ جو جشن ملهائي رهيا آهيون. اڄ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي پنهنجي حياتيءَ جا پنجويهه ورهيه پورا ڪري، پنهنجي ڀرپور جوانيءَ ۾ پير رکيو آهي. ان لحاظ کان اڄوڪو ڏينهن تاريخي ڏينهن آهي ۽ اڄوڪي رات تاريخي رات آهي.

هن مبارڪ موقعي جي مناسبت سان ڀاءُ مظهرالحق ۽ ڀيڻ مهتاب باوقار جلسن ۽ راڳ سنگيت جي رنگارنگي محفل سجائڻ جو اهتمام ڪيو آهي، مان انهيءَ فيصلي تي پنهي جڻن کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيان ٿو ۽ سندن شڪريو ادا ڪريان ٿو جو هن تقريب ۾ مون کي سڪ سان ياد فرمايو اٿن. اجازت هجي ته حافظ جي لفظن ۾ ڪين هيءَ دعا ڏيان ته:

تاجهان باشد به نيڪي در جهالت باد نام.

دوستو! اڪيڊمي ادبيات پاڪستان جي ڊائريڪٽر جنرل جي حيثيت ۾ مون کي ملڪ جي مؤثر علمي ۽ ادبي ادارن کي ڏسڻ ۽ سندن ڪم جي معائني جو موقعو ملندو رهي ٿو. اها ڳالهه درحقيقت منهنجي فرائض ۾ شامل آهي. چنانچه مان چترال، گلگت، هنزه ۽ اسڪردوءَ کان وٺي ڪوئيٽا ۽ ڪراچيءَ تائين مختلف علمي ادارا ۽ تنظيمون ڏسندو رهيو آهيان. انهن

راوي راشڪان،
ستلج سالڪان،
چناهه عاشقان،
سنڌ صادقان.

يعني راوي راشڪن، سخت جان محنتي مائهن جو مسڪن آهي. ستلج جي ميدانن ۾ سالڪ رهندا آهن. چناب عاشقن جو آستانو آهي ۽ سنڌ و سچن مائهن جي سرزمين آهي.

دعا آهي ته خداوند ڪريم سنڌ کي سدائين شاد ۽ آباد رکي! ان جي خدمت‌گذار عالمن، ادبين، استادن، شاگردن ۽ ادارن کي زنده ۽ پائنده رکي!

خوشا شيراز و صنعش بی‌مثالش،
خداوندا نگهدار از زوالش.



# کھاٹیون

"اهي دلگداز ۽ روح فرسا گهڙيون، جن جي هٿان اونده ۾ ظلم ۽ تشدد جي چڙواڪ ديو جو وحشي هٿ، توت ۽ طاقت جي آڙ ۾، زندگيءَ جي معصوم ۽ ڪنول جهڙين اڇين اجرين دلين کي ليڙڻ ۽ ڪلهن کان اکيڙ مروٽي ڦٽو ڪري ڇڏيائين، سڀني ڪائنات تي هڪ لرزه انگيز سڪوت طاري ڪيو ڇڏين. شاعر ۽ اديب پنهنجي غمزده خاموشيءَ ۾ غرق ٿي ويا. مشاهدي جي اک مان وهيل ڳوڙها، قلم جي ذريعي ڪاغذ تي ڳڙي، خاموش زبان ۾ جو ڪجهه نقش ڪيو ان کي ماڻهو شعر ۽ افسانو ٿا سڏين." — غلام محمد گرامي

# چري ماڪي

ليکڪ: ماپاسان

سنڌيڪار: نجم عباسي

هيءَ ان زماني جي ڳالهه آهي، جڏهن جرمنن اسان فرينچن کي غلام بنايو هو. مان فرانس جي هڪ ڳوٺ ۾ رهندو هوس. منهنجي پرواري گهر ۾ هڪ اهڙي عورت رهندي هئي جا دماغي توازن وڃائي ويٺي هئي. ان جو ڪارڻ هن جي جيون ۾ هن جي پيارن جا ٿي لاڳيتو غمناڪ موتن جا واقعا هئا. اهي ٽيئي موت هڪ مهيني اندر ٿيا هئا ۽ تڏهن جڏهن هن جي عمر فقط پنجويهه سال هئي. اهي ٽي مرندڙ ماڻهو هئا: هن جو پيءُ، هن جو مڙس ۽ هن جو ننڍو ٻار. پيءُ ۽ مڙس جنگ جي ميدان تي مارجي ويا هئا.

هن ساندهه صدمن ڪري، هيءَ نوجوان عورت کٽ تي ڪنڀجي ويٺي. هوءَ ڇهه هفتا ڦٿڪندي، تڙپندي ۽ وڦلندي رهي، پوءِ هن تي ماٺيءَ گهر ڇانئجي ويئي. هوءَ ڪا چرپر ڪانه ڪندي هئي، فقط هن جون اکيون ڦرنديون رهنديون هيون. جڏهن به هن کي اٿارڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، تڏهن هوءَ اهڙيون ونءِ رڙيون ڪندي هئي، ڄڻ ته هن کي ڪو قتل ٿو ڪري. ان ڪري هن سان ڪنهن به قسم جي هٿ چراند ڪانه ڪندا هئا. رڳو هن جو هٿ-منهن ڌئاريو ويندو هو، يا لباس ۽ هنڌ مٽايو ويندو هو.

هوءَ ذري گهٽ ڪجهه به نه ڪائيندي هئي. هڪڙي پوڙهي نوڪرياڻي هن سان گڏ رهندي هئي، جا هن جي وات ۾ ڪو ڪاڏي جو ذرو يا پاڻيءَ ڍڪ وجهندي رهندي هئي. هن جي دکايل دل ۾ ڇا پئي وهيو واپريو، اها ڪنهن کي سڌ ڪانه هئي، ڇو ته هن ڪڏهن به ڪجهه نه ڳالهايو. ڇا هوءَ مئل مائٽن جي باري ۾ سوچي رهي هئي؟ ٿيل واقعن جي يادگيريءَ کان سواءِ، هوءَ دکدائڪ سپنا ڏسي رهي هئي؟ يا هن جو حافظو بيٺل پاڻيءَ وانگر هو؟ پندرهن سال هوءَ ائين بي‌حس ۽ اڪيلي رهي.

ڊسمبر جي شروع ۾ فرينچ ۽ جرمن جي جنگ جاري ٿي ويئي. جرمنن جي جيت ٿي. هو اسان واري ڳوٺ ۾ به ڪاهي پيا، مون کي اهي گهڙتائون ائين ياد آهن، ڄڻ ته ڪالهه ٿيون هجن. ٿڌ اهڙي سخت هئي، جو پارو پٿرن کي ڏاري وجهندو. مان آرام ڪرسيءَ تي ليٽيو پيو هوس ۽ سنڌن جي سور ڪري، چرڻ پرڻ جي سگهه ڪانه رهي هئم. ان وقت سپاهين

سواءِ ڇوڪري جي، جيڪو اچا جهار هڪلي رهيو هو. هو هيٺئين سڪل ٻتل ۾ ڊري پيو، جيڪو ڏنڊڪ جي وچان مڙي اولهه پاسي پير وٽ وڃي ڪنو ٿي. هو پير ڏالهن وڌڻ لڳو. ڇوڪرو هڪل ڪري رهيو هو.

آلو – هيلو – آ – هلاٽڊ – آ – زون. ڳوڙهو وري ۽ پرسان مٿي وڃي ٻريان ٻني تي ڪريو ۽ هو پير وٽ پهچي ويو هو. پير هيٺ هو ستل هو.! اڇي ڏاڙهي، صفا اڇا وار، سڪل چمڙي، اهڙو ئي جهڙو هن تصور ۾ ويهاريو هو. ساڳيا لانهس وارا مهالبا ۽ هٿا ته مائس جا مهالبا ۽ جهاتيون پائي رهيا هئا. هن ڏڏو شوڪارو پريو ۽ اکيون ٻوري کهاڙي ايي ڪيائين! ۽ هن جي ڪنن تي ڪڙڪو پيو. هن ڪنڌ ورائي ٻويان ڏنو. ڪا عورت هئي، هوءَ عجب ۽ حيرت مان اکيون ڇنيو، ٻئي هٿ منهن ڊپ مان آڏا ڏيو بيٺي هئي. هن غور سان نهاريو. حليمان هئي. ڪيس ڦڪو چولو پاتل هو. هو کهاڙي اتي ئي ڇڏي ٽڪڙو ٽڪڙو حليمان ڏالهن وڌي ويو.



# نفرتن جي اوٽ

صفيہ نور

هن کي سدائين پيءُ منٿون ۽ ايلاز ڪندو هو تہ شادي ڪر، پر هن جي هميشه نهڪر هوندي هئي. هن جو اڏول پٿو سومنات ڪونہ هو جو مان ڊاهي ڦاس ڪيان ها. هوءَ تہ مٽيءَ ني الائي ڪهڙيءَ مان ٺهيل هئي، ارادو ڪندي تہ چڻ پٿر تي ليڪو.

پر اڄ الائي ڇو اهو پٿر پاڻي ٿي پيو هو. هن کي ايڏو پريشان مون ڪڏهن نہ ڏٺو هو. هوءَ اسپتال کان موٽي تہ هٿ-منهن ڌوئڻ ۽ چانهہ لاءِ پارن واڳر رڙيون ڪرڻ بدران چپ چاپ لڏندڙ ڪرسيءَ تي ليٽي پئي. ساڄي ٻانهن اکين تي رکي، پيرن جي زور سان ڪرسي ۽ ڪرسيءَ پر پيل وجود کي لوڏيندي رهي. مون هن ڏانهن ڏٺو تہ هن پنهنجي آلين اکين جي ڳاڙهاڻ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندي اکيون پوري چڏيون ۽ پوءِ جهٽڪي سان اٿي آئيني ۾ پنهنجو جائزو وٺڻ لڳي چڻ پنهنجي چهري ۾ پنهنجو ماضي ڳوليندي هجي.

هن جي پريشاني ڏسي مان دل ۾ ٿڙڻ لڳس. سمجهيم تہ اڄ هاسپيٽل ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ ٿي آهي جنهن ڪيس عورت هئڻ جو احساس ڏياريو آهي. شايد اڄ هن کي يقين ٿيو آهي تہ عورت ڪيتري بہ مضبوط هجي پر ويچاري آهي. معاشرو ڪيس پاڻ سان ملائي اڪيلو تہ بنائي سگهي ٿو، هن جي مقدر ۾ اڪيلائپ جو زهر ملائي سگهي ٿو، پر معاشري جي ڪوٽ کان ٻاهر هن کي ڪڏهن بہ اڪيلو ڏسڻ ۽ برداشت ڪري نٿو سگهي.

زاريہ کي شاديءَ کان سخت نفرت هوندي هئي. جڏهن بہ الهيءَ موضوع تي ڳالهہ ڇيڙيندي هئس تہ هوءَ ان جي مخالفت ۾ اهڙين منهن ڪوليندي هئي چڻ مون ڪا گار ڏني هجي يا ڏوهہ جو ڪم ڏسيو هجي. چوندي هئي تہ جڏهن پيءُ کي ماءُ جي رشتن تي بہ وقت ۽ حالتن جو پاڻي ڦري سگهي ٿو تہ ڌاريو پوءِ بہ ڌاريو هوندو، پوءِ انهن کي ڪهڙي معيار ڏئي سگهجي ٿي.

زاريہ اڃان پيدائي نہ ٿي هئي جو هن لاءِ مصيبتون انتظار ڪندي اچي جوان ٿيون هيون. زاريہ سان هن دنيا ۾ اچڻ کان اڳ اهو ظلم ٿيو جو هن جي ماءُ کي بي گناهہ طلاق ملي. بس هڪ مرد غيرت ۾ اچي بي غيرتيءَ جو مظاهرو ڪيو. پنهنجي لڄ، عزت، جنهن کي خدا ۽

”اوهان منهنجي ٻچڙيءَ کي آرام ۾ ڪرڻ ڏيندا ها نه...“ مون فون تي ڳالهائيندڙ کي ڌمڪيون ڏيڻ شروع ڪيون. ڏاڙيءَ رسيور ڪسي ورتو ۽ ٻنا ٻچڻ جي ته ڪير ٿو ڳالهائي چوڻ لڳي: ”مريض جي طبيعت ته ٺيڪ آهي؟“

مون نه ٻڌو ته ٻئي طرف ڪان هن کي ڪهڙو جواب مليو، پر ان جو اهو جملو ضرور ٻڌم ته ”اڃان ٿي، اوهان مريض کي ”ايول“ جي انجيڪشن هڻو.“

هوءَ جيئن آئي هئي، تيئن ئي ساڳين ڪپڙن ۾ واپس ورڻ لڳي.

”امڙ! چالهه ته ٻي وڃ. اهي مريض ته روزانو ڏسين ٿي. الهن لڳاڪن ته تنهنجو آرام ۾ ڦٽائي ڇڏيو آهي.“ مون هن کي روڪڻ لاءِ چيو، هوءَ روئي پئي ۽ چيائين: ”نه دابا! ائين نه چئه، منهنجو بابو زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ مبتلا آهي.“ ۽ هوءَ تڪڙو تڪڙو گهر کان نڪري وئي.



# برهانپور کے سندھي اولياء

از: سيد محمد مطيع الله راشد برهانپوري؛ سائيز ڊيمي؛ صفحا ۱۹۰ع؛ قيمت ۵۰.۰۰ رپيا؛ ناشر سنڌي ادبي بورڊ، سال ۱۹۸۷ع.

سنڌ جي مقامي تاريخ ۾ سمن جي دور کي سونهري زماني سان تعبير ڪيو وڃي ٿو. سمن سلطانن هڪ طرف سنڌ جي سياسي آزاديءَ کي مستحڪم ۽ پائدار بنايو، ته ٻئي طرف انهن صنعت ۽ تجارت توڙي زراعت جي واڌاري ۾ دلچسپي ورتي. اهڙيءَ طرح سنڌ جي علم ۽ ساهت توڙي تهذيب ۽ ثقافت ۾ تازگي پيدا ٿي ۽ سوين اديبن، عالمن ۽ صوفين، خانقاهن، مدرسن ۽ مڪتبن جي آبياري ڪري، هتان جي تمدني زندگيءَ کي تازه دم ڪيو ۽ رواني بخشي. ٻن صدين جي آزاديءَ بعد آخرڪار اهڙو وقت به اچي ويو، جو سنڌ جي سياسي آزادي سلب ٿي، خوشحالي ۽ تمدن تاراج ٿيو، خانقاهون ۽ درسگاهه ويران ٿيا ۽ عالم توڙي صوفي دربدر ٿيا. سمن جي جاءِ ارغونن-ترخانن ۽ بعد ۾ مغلن اچي والاري. ٻن صدين تائين سنڌ وري ڏيهه-راڄ نه ڏسي سگهي. هي مصيبت ۽ بربادي هڪ طرف سمن شهزادن جي گهرو لڙاين سبب آئي، ته ٻئي طرف وري ان دور جي صوفين (دانشورن) جي نظرياتي ڪشمڪش به ان ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. سهروردي بزرگن ۽ مهدوي پوئلڳن جي ڇڪتاڻ، جتي سنڌ جي خودمختياري ختم ڪئي، اتي سون جي تعداد ۾ خود صوفين، اديبن ۽ عالمن کي به پنهنجو ڏيهه ڇڏي پناهگير ٿيڻو پيو. انهن بزرگن هندستان کان ڪري حجاز مقدس تائين پناهه جي ڳولا ڪئي. ان کان علاوه سنڌي ڪاريگر، هنرمند ۽ صنعتڪار سنڌ ڇڏي دربدر ٿيا.

تبصري هيٺ آيل ڪتاب سيد محمد مطيع الله راشد برهانپوري وڏي محنت ۽ عرق ريزيءَ بعد تصنيف ڪيو ۽ سڀ کان اول سال ۱۹۵۹ع ۾ ڇپيو هو. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي "قومي تاريخ و ادب جي واڌاري جي اسڪيم" تحت شايع ڪيو هو. جنهن رٿا جو هي اردو سلسلي جو پهريون ڪتاب هو. هن پروجيڪٽ تحت اردو، فارسي، عربي ۽ انگريزي ٻولين ۾ متعدد ڪتاب ڇاپي، سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب جي بنيادي ماخذن جي کوٽ واري صورتحال کي ختم ڪرڻو هو. ان ڏس ۾ بورڊ مثالي ڪم ڪيو. البته سڄي رٿا مڪمل ٿي نه سگهي. سيد محمد مطيع الله برهانپور مان لڏي پاڪستان ٺهڻ بعد، اچي ڪراچي سنڌ ۾ مقيم ٿيو. هن ڪتاب کان علاوه بورڊ جي استدعا تي سيد محمد مطيع الله صاحب "ديوان عطا" پڻ ايڊٽ ڪيو ۽ ان تي جامع مقدمو تحرير ڪيو.

هن ڪتاب "برهانپور کے سندھي اولياء" ۾ راشد صاحب انهن سنڌي اوليائن، فقيرن، درويشن ۽ عالمن جو ذڪر ڪيو آهي، جن سمن جي سنڌي بادشاهي ختم ٿيڻ بعد، سنڌ ۾ پيدا ٿيل صورتحال کان بيزار ۽ پريشان ٿي وڃي هند جي شهر برهانپور ۾ پناهه ورتي. مصنف جيئن ته خود برهانپور کان آيل هو، ان ڪري کيس ان ضمن ۾ مڪمل معلومات حاصل هئي.

مزارون ۽ مقبرا توڙي خانقاهون ۽ درگاهون سڀ سندس ڏٺل هئا. اتان جي بزرگن ۽ صالحن سان سندس آشنائي هئي. سنڌي عالمن، جن برهانپور ۾ پناهه ورتي هئي، انهن جي تصنيف و تاليف کان به هو چڱيءَ ريت واقف هو. ان ڪري هن عنوان تي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪانئس وڌيڪ ڪو ٻيو ماهر نه هو. تاريخي پس منظر ۾ مصنف انهن پناهگير سنڌين بابت لکيو آهي ته هندستان ۾ جيترا به سنڌي اچي ٽڪيا، انهن مان نوي سيڪڙو ته صرف برهانپور ۾ اچي رهائش پذير ٿيا. هن شهر ۾ صوفين ۽ عالمن جنهن محلي ۾ سڪونت اختيار ڪئي، اهو علائقو اڳتي هلي تذڪرن ۾ ”سنڌي پوره“ سڏيو ويو. ان کان علاوه ٺٽي جي ڪاريگرن ۽ هنرمندن به هن شهر ۾ پناهه ورتي ۽ اهي اڄ سوڌو ٺٽائي سڏجن ٿا. پيش لفظ ۽ تاريخي پس منظر بعد ڪتاب جو آغاز ٿئي ٿو. هي ڪتاب ٽن حصن (دورن) ۾ رٿيل آهي. پهرئين حصي ۾ ڪل سترهن، ٻئي حصي ۾ پندرهن ۽ ٽئين حصي ۾ ٻارهن بزرگن جو تذڪرو آيل آهي. ٽنهي حصن ۾ مذڪور هيٺ آيل انسان جدا جدا ميدانن ۾ وڏي مهارت رکندڙ هئا. ڪي ولي هئا ته ڪي صوفي، ڪي فقيه هئا ته ڪي محدث، ڪي عالم هئا ته ڪي اديب. ڪي راڳيندڙ هئا ته ڪي سماع جا متلاشي. هنن بزرگن ۾ شيخ طاهر، محمد محدث، شيخ شهاب الدين، شيخ ابراهيم ڪلهوڙو، شيخ لاڏجيو، ملان محمد علي سنڌي ۽ شيخ عبدالقدوس سنڌي وغيره اچي وڃن ٿا. انهن سڀني بزرگن ۾ مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ سنڌي برهانپوري سڄي تذڪري تي ڇانيل آهي. شيخ عيسيٰ سنڌي جو مفصل ذڪر ڪندي (ص ۳۱ کان ص ۱۰۳ تائين)، مصنف سندس خليفن، تالين مريدن ۽ اهل اولاد جا چارٽ ۽ شجرا به ڪتاب ۾ شامل ڪيا آهن. هن ڪتاب جي اشاعت سنڌ جي صوفين جي تاريخ ۾ اهم واڌارو ڪيو آهي. ان کان علاوه ڪجهه تاريخي اشتباهن جي درستگيءَ ۾ پڻ مدد ملي آهي. سيد محمد مطيع الله مرحوم هن تذڪري جي تياري لاءِ سوين ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل ڪتابن کان مدد ورتي، هن ڪتاب تيار ڪرڻ ۾ وڏي محنت ڪئي آهي. ان کان علاوه ڪتاب جي مهڙ ۾ برهانپور جي سنڌي بزرگن جي مقبرن ۽ مزارن توڙي خانقاهن جا فوٽا پڻ ڏنا ويا آهن. آخر ۾ هڪ ضميمي الدر هنن بزرگن جي تصنيف وتاليف جي لسٽ پڻ ڏني وئي آهي ۽ ان ريت سنڌ جي علمي تاريخ جي گم ٿيل ڪڙين کي منظر تي آندو ويو آهي. برهانپور جي سنڌي بزرگن جو هي تذڪرو ڪهڙين مشڪلاتن ۾ تيار ٿيو، ان جو اندازو مرحوم پير حسام الدين راشدي جي پيش لفظ پڙهڻ بعد آساليءَ سان ڪري سگهجي ٿو. ڪهڙو نه چڱو ٿئي ها جو بورڊ، حجاز مقدس ڏي ويل سنڌي عالمن ۽ فقيرن جو به جدا تذڪرو تيار ڪرائي. سيد محمد مطيع الله راشد جو هي تيار ڪيل تذڪرو اڄ کان ٽيهه سال اڳ ظاهر ٿيو. تازو ان جو ٻيو ايڊيشن بورڊ وڏي اهتمام سان شايع ڪري، هڪ علمي ۽ ادبي کوٽ کي پورو ڪيو آهي. اميد ته اڳ ڇپيل ٻين ڪتابن جا نوان ايڊيشن پڻ پڌرا ڪيا ويندا.

— غلام محمد لاکو

ڪتاب جي شروع ۾ پس منظر ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ سمن جي اصل، نسل ۽ حڪومت جي ابتدا تي بحث ڪيو ويو آهي. باب ٻئي ۾ سمن سلطانن جي تاريخ مختصر نموني بيان ڪئي وئي آهي. ٽئين باب ۾ ارغونن جي حملي جو احوال آندو ويو آهي، ۽ سمن جي حڪومت جي پڇاڙي ڏيکاري وئي آهي. چوٿين باب ۾ سمن جي حڪومت جو عام جائزو پيش ڪيو ويو آهي. هي باب نهايت اهم آهي، ۽ لاکي صاحب جي سُٺي تاريخي سوچ جو نتيجو آهي. هن باب تي چڱي محنت ڪيل آهي، ۽ نيون ڳالهيون نسڪيڙي نروار ڪيون ويئون آهن. خاص طرح سان حڪومتي جوڙجڪ کي سليقي سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. پنجين باب ۾ سنڌ کان ٻاهر سمن جي حڪومتن جو احوال آندو ويو آهي. آخر ۾ "متفرقات" جي عنوان هيٺ سنڌ جا اوائلي فارسي ڪتبا ۽ سمن جا شجرا ڏنا ويا آهن.

سمن جي حڪومت بابت جيڪو تاريخي مواد ملي ٿو، ان ۾ "تاريخ معصومي" کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. قديم تاريخي ڪتابن سان هن ڪتاب ۾ ٿي سڀ ڪان ڀرپائين گهٽي ۾ گهٽو ۽ ڪجهه قدر تفصيلي احوال ملي ٿو. ان ڪان پوءِ ٻين جن به ڪتابن ۾ سمن جو احوال آندو ويو آهي، انهن ۾ گهڻي قدر مواد تاريخ معصومي تان ورتو ويو آهي. لاکي صاحب به هن ڪتاب کي ئي بنياد بنايو آهي. ان ڪان سواءِ ٻين به ڪيترن ڪتابن تان مدد ورتي اٿس. ڪتاب تحقيقي انداز ۾ لکيو اٿس، ۽ هر باب جي آخر ۾ ڪتاب جا حوالا ۽ حاشيا ڏنا اٿس.

هڪ خاص ڳالهه اها به آهي، ته هي ڪتاب هڪ جذبي ماتحت لکيل آهي. اهو جذبو آهي "سنڌ جي سنڌي حڪمرانن سان محبت جو جذبو." اهو جذبو نهايت قابل تعريف آهي، ۽ اسان سڀني جي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪندڙ آهي. جذباتي انداز کي ڇڏي، جيڪڏهن ايمانداري ۽ غيرجانبداريءَ سان سنڌي حڪمرانن جو جائزو ورتو ويندو، تڏهن به اوهان کي سنڌي حڪمران، امن پسند، انسان دوست، غريب پرور ۽ طبقاتي ڇڪتاڻ کان پري نظر ايندا. هو اوهان کي "پاڻ به جيئو ۽ ٻين کي به جيئڻ ڏيو" واري پاليسيءَ تي عمل پيرا ملندا. يعني هنن جي ڪارگذارين ۾ شاهه لطيف جي هن بيت جي عملي تصوير نظر ايندي.

سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

تاريخ نويس لاءِ اهڙو جذبو رکي تاريخ لکڻ ۾ ڪا قباحت ڪانهي، پر ان سان گڏ تاريخ نويسيءَ جون تقاضائون پوريون ڪرڻ به لازمي امر آهي، يعني تاريخي واقعن مان جذباتي انداز سان نتيجا اخذ ڪرڻ نامناسب آهي. ائين ٿو معلوم ٿئي ته ڪٿي ڪٿي جذباتيت غالب اچي وئي آهي، ۽ موجوده دور جي سياسي شعور موجب نتيجا ڪڍي ڪن شخصيتن تي تنقيد ڪئي وئي آهي. حالانڪ ٿيڻ ائين گهربو هو، ته ان وقت جي حالتن کي سامهون رکي پوءِ انهن بابت ڪا راءِ قائم ڪجي ها. بهرحال هيءَ هڪ سٺي ڪوشش آهي. محترم لاکي صاحب

## نرتي تند نيازسين

سنڌي شعبي، سنڌ يونيورسٽيءَ پاران ٢-٣ ۽ ۴ فيبروري ١٩٨٨ع تي منعقد ڪيل بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي، خاص اشاعت هيٺ تحقيقي مقالن جا ڪي عدد ڪتاب ڇپايا ويا، جن مان "نرتي تند نيازسين" به آهي.

هن ڪتاب ۾ ٦ مقالا شامل آهن، جيڪي شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي شاعريءَ جي مختلف پهلوئن تي لکيل آهن.

"نرتي تند نيازسين" جو عنوان شاهه جي بيت تان ورتل آهي. پهريون مقالو، جنهن جو عنوان "شاهه جو رسالو ۽ قرآن ڪريم" آهي، اهو پروفيسر ڊاڪٽر خالد ٽالپر، سنڌ يونيورسٽي، عربي شعبي جو لکيل آهي. جنهن ۾ هو چوي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهه جي رسالي کي وڏو مان ۽ مرتبو حاصل آهي. جهڙيءَ طرح قرآن ڪريم جي ٻولي نهايت فصيح ۽ بليغ آهي، اهڙيءَ طرح رسالي جي ٻولي پڻ فصيح ۽ بليغ آهي.

شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ فرمايو ته سندس بيت آيتون آهن. اها ڪا سگهي دعوي ناهي ۽ هن لاءِ رسالي جا چند بيت پيش ڪري، اهو ثابت ڪيو اٿس ته ڪيئن نه اهي بيت واقعي الاهي آيتن جو ترجمو ۽ تفسير آهن. مثال طور سورت الحمد ۾ قرآن ڪريم جي ابتدا رب پاڪ جي توحيد ۽ حمد سان ٿئي ٿي ۽ الله تعاليٰ جي اسماءالحسن جو ذڪر پڻ موجود اجهو هيئن آهي:

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهه قديم،
والي واحد وحده، رازق رب رحيم،
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي.

ڊاڪٽر خالد ٽالپر پنهنجي مقالي جي موضوع کي خوش اسلوبيءَ سان نباهيو آهي، تنهنڪري هن مقالي جي اهميت ۽ افاديت ڪتاب ۾ پنهنجي جڳهه والاري آهي.

ڪتاب ۾ ٻيو مقالو، جنهن جو عنوان "شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ رنگن جو اپياس" آهي، اهو مقالو سنڌي ٻوليءَ جي منفرد شاعر، اديب ۽ دانشور جناب تنوير عباسيءَ جو لکيل آهي.

انسان پنهنجي ويچارن جو ڀرپور اظهار نٿو ڪري سگهي، جو اسان جي ٻولي اڃا ايتري ترقي ڪانه ڪئي آهي. ان ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته اسان جي ٻولي اڃا تائين نامڪمل آهي. جنهن مقام تي الفاظ ساٿ نٿا ڏين، اتي رنگ رڙيون ڪري پنهنجو مدعا بيان ڪن ٿا. هن ڏس ۾ هڪ جرمن محقق ڊاڪٽر مئڪس لشر (Dr. Maxluscher) پنهنجي ڪتاب رنگن جي ڪسوٽي (Colourtest) ۾ ڪوجها وسيلي رنگن کي جيڪا زبان ڏني اٿس، تنهن کي جديد

تحقيق ۾ وڏو مقام حاصل آهي. انسان جي چئني پاسن کان فطرت جي حُسن ۽ رنگن جي پالوٽ لڳي پئي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ قديم زماني کان انسان رنگن کان متاثر ٿيندو رهي ٿو. ١٩- صديءَ کان اڳ ۾ فقط چند رنگ هوندا هئا ۽ ڪپڙي رنگڻ جو ڪاروبار بنهه قيمتي هوندو هو ۽ هن شوق جي تسڪين فقط حاڪم يا اوچو طبقو ڪري سگهندو هو. انسان جڏهن پنهنجن ڪومل جذبن جو اظهار زبان وسيلي نٿو ڪري سگهي، تڏهن هو مڪمل زبان يعني رنگن جو سهارو وٺي پنهنجي جمالياتي ذوق جو اظهار ڪري ٿو. اسان جو مهان شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي پڻ چترڪارن جيان رنگن کان اهڃاڻي ڪم ورتو آهي. رنگ جذبن، ويچار ڌارا ۽ نظرين جي اهڃاڻ طور ڪتب اچن ٿا.

اهو سچ آهي ته شاعريءَ ۾ رنگن جو اڀياس به ان ڪري ضروري آهي، جو ان سان هن عظيم شاعر جي ذهني رجحانن ۽ نفسياتي لاڙن جي باري ۾ ڪجهه ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي.

هي مقالو جديد تحقيق جي معيار تي پورو ۽ سڀني مقالن ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته مقالي لکڻ ۾ تمام گهڻي محنت لڳي هوندي، جنهن جي تصديق ڪندي محمد علي حداد (سچل تي ببليوگرافي وارو مصنف) ٻڌايو ته هن مقالي تيار ڪرڻ ۾ ڊاڪٽر صاحب کي ٽي ورهيه لڳا آهن ۽ بيشڪ اُئين هوندو. ڊاڪٽر صاحب لطيف جو تمام گهڻو اڀياس ڪيو آهي. هن ڏس ۾ لطيف جي شاعريءَ تي سندس ٻه ڪتاب ڇپجي چڪا آهن.

هن کان پوءِ ٽيون مقالو، جنهن جو عنوان ”علامت نگاري ۽ لطيف سائينءَ جي شاعري“ آهي، محترم غلام نبي سدايو جو لکيل آهي.

مقالي جي شروعات ۾ مغربي عالمن ۽ اديبن جا علامت بابت رايا ڏنا ويا آهن. جيئن علامت کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي ۽ ان کان وڌيڪ نشان (Sign)، اشاري (Signal) ۽ علامت (Symbol) ۾ فرق محسوس ڪري سگهجي. علامت کي نشان ۽ اشاري جي مڪمل صورت سمجهيو وڃي ٿو. شاهه سائين جي ڪلام جو گهڙو اڀياس ڪيو وڃي ته اهو سچو نشانن، اشارن ۽ علامتن سان ڀمتار نظر ايندو. محترم سدايو شاهه سائين جي ڪلام ۾ علامت جي درجه بندي ڪان پوءِ روايتي، حادثاتي ۽ آفاقي علامتن جو مختصر اڀياس پيش ڪري، اسان جي مهان شاعر کي پنهنجي دور جو جدت پسند، لئينءَ تحريڪ جو باني، سنڌي لغت ۾ اضافو آڻيندڙ ۽ حقيقت پسند ڏاهو سڏيو آهي. اهڙا رايا پنهنجيءَ جاءِ تي اٽل حقيقت سمجهڻ گهرجن.

هن کان پوءِ چوٿون مقالو، جنهن جو عنوان ”شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي رسالي ۾ گاهن، ٻوٽن، ميون، ڀاڄين، اناج، وڻن ۽ ولين جو ذڪر“ آهي، سو مقالو پروفيسر ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر جو لکيل آهي. هاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن ۾ پروفيسر آهي.



آپريشن کانپوءِ



**212** مڪسڊ پئروٽڊ ڳوڙهو. ستاويهن سالن کان وٺي ڳوڙهو ڪَن جي پاڙ ۾ هيٺان آهستي وڌي رهيو. هاڻي ڪجهه مهينن اندر تڪڙي واڌ ڪاڻ فيشل تنت کي نقصان پهچائي نستو/فالج (Facial Nerve Palsy) ڪيو اٿس جنهن سبب واڄ هيٺ لڙڪي پئي آهي.





**213** مڪسڊ پئروٽڊ ڳوڙهي جو سرطان ۾ تبديل ٿيڻ سبب، چمڙيءَ کي ڦاڙي، گوشت جي ھوٽ وانگر اُڀري (فنگيٽنگ ماس) پيو آهي. ڳوڙهي مان رت وهڻ ۽ سور وغيره. شروع ۾ ٻاهرين (External) ٻنهي ڪئروٽڊ شريانين کي ٻڌڻ (Preliminary Ligation of External Carotid Arteris) کانپوءِ آپريشن ٿيو.

# انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي - سلور جوبلي تقريبات

ادارا، قومن جي ڄاڻ سڃاڻ ٿيندا آهن. ڪنهن به قوم جي ماضي، حال ۽ مستقبل ڪي ڏسڻو هجي ته ان جي ادارن ڪي ئي "آئينو" بڻائڻو پوندو، ڇو ته اهي ئي ماضيءَ جي ڄاڻ جي کاڻ ٿين ٿا ۽ اهي ئي ڪر ڪٺي قوم جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي قدوقامت جي ساک پريندا آهن.

سنڌ، جيڪا صدين کان وٺي علم و ادب، تاريخ ۽ ثقافت جي موجون هڻندڙ مهراڻ رهي آهي، ان جو پاند پڻ ڪيترن ئي ادارن جي موجودگيءَ سان پريو پيو آهي. انهن ادارن مان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي به هڪ آهي. هي ادارو ١٩٦٢ع ۾ "سنڌي اڪيڊمي" جي نالي سان قائم ڪيو ويو. ١٩٦٥ع ۾ ان جو نالو بدلائي "انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي" رکيو ويو. اداري قائم ڪرڻ جو مقصد اهو هو ته سنڌي ٻولي، علم ادب، تاريخ ۽ ثقافت جي تحفظ خواه ترقي لاءِ مختلف ذريعن ۽ وسيلن سان ڪم ڪيو وڃي. هن اداري پنهنجي پنجويه. سالہ ڪارڪردگيءَ ۾ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته ادارو خوش اسلوبي سان ڪم جي معيار ۽ مقدار وارا مقصد ماڻي رهيو آهي.

پنجويهن سالن جي انهيءَ عرصي ۾ اداري کي علم دوست سرپرست، ثقافت نواز صلاحڪار، بي لوث اڳواڻ ۽ محنتي ڪارڪن نصيب ٿيا. انهن مڙني جي ڪوشش رنگ لاتو ۽ هي خيال نه فقط حقيقت جو روپ وٺي سگهيو، پر هي ادارو دنيا جي مشهور ترين علمي ادارن جي پهرينءَ صف ۾ شمار ٿيڻ لڳو.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي سلور جوبلي ملهائڻ جو اعزاز ميڊم مهتاب اڪبر راشديءَ کي مليو، جنهن تڏهوڪي علم دوست وائيس چانسيلر جناب مظهرالحق صديقيءَ جي قيادت ۾ هن فنڪشن کي هڪ تاريخي ميڙ بڻائي ڏيکاريو. انهيءَ اهم ڪارنامي سرانجام ڏيڻ ۾ اداري جي هرهڪ ڪارڪن ۽ آفيسر پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪيو.

هي فنڪشن اسان جي ثقافتي تاريخ ۾ انهيءَ ڪري اهميت رکي ٿو جو اداري جي عمارت جي اڏاوت وقت ته سنگ بنياد رکڻ جي رسم ادا ڪئي وئي هئي، پر اداري جو مهورتي فنڪشن ڪونه ٿيو هو. ان ڪري سلور جوبليءَ جو هي فنڪشن پنهنجي جهوليءَ ۾ هڪ ئي وقت ٽي اڻ ڳڻيون خوشيون کڻي آيو هو. هي فنڪشن ان لاءِ سلور جوبلي به هو ته مهورتي فنڪشن به. اداري جي مڪيه شعبن جي مڪمل هئڻ جي خوشي به هو ته اداري جي خيرخواهن ۽ بنياد وجهندڙن کي ياد ڪرڻ ۽ کين خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو وجهه به هو.

آيل مهمانن جا ٹورا مجڻ کان سواءِ سينيٽر جاويد جبار ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا طرفان اٿاريل ڪن نقطن جي وضاحت پڻ ڪئي.

جناب صديقي صاحب جن ڊاڪٽر الانا صاحب جن طرفان اٿاريل اعتراضن جو جواب ڏيندي چيو ته سنڌالاجي پنهنجي ڪارڪردگيءَ ۾ خودمختيار ادارو آهي ۽ سينڊيڪيٽ جا ميمبر اداري ۾ ڪنهن به قسم جي مداخلت نه ٿا ڪن. ان کان سواءِ هن چيو ته جڏهن ته ڊاڪٽر الانا صاحب پاڻ ڪيترو عرصو بورڊ آف گورنرس جي عدم موجودگيءَ ۾ اداري جي اڳواڻي ڪري چڪو آهي ته هاڻي ڪيس انهيءَ ڳالهه تي اعتراض ڪرڻ نه گهربو هو. ان کان سواءِ جناب مظهرالحق صديقيءَ اها به وضاحت ڪئي ته اداري جي ميوزيم ۾ قائداعظم ۽ پير صبغت الله شاهه ۽ ٻين اهم تاريخي شخصيتن جون تصويرون نمايان طور تي لڳل آهن.

اها افتتاحي تقريب خيرخوبيءَ سان خاتمي کي پهتي ته ان کان پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جي تڏهوڪي وائيس چانسلر جناب مظهرالحق صديقيءَ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ساٿ ۾ ”گفٽ سينٽر“ جو افتتاح ڪيو. ان کان پوءِ مهمانن کي حبيب بئنڪ طرفان ڏنل رات جي ماني کارائڻ لاءِ حيدرآباد جي قتاز هوٽل رخصت ڪيو ويو ۽ ائين پهرين ڏينهن جي ڪارروائي پڄاڻيءَ کي پهتي.

۲۸- ڊسمبر ۱۹۸۷ع تي مقالن جي نشست جو آغاز ٿيو، جنهن جي صدارت ناماري دانشور علامه غلام مصطفيٰ قاسميءَ ڪئي ۽ مهمان خاص طور محترم تنوير عباسي شرڪت ڪئي. محترم سائين ڊاڪٽر غلام علي الانا جي اداري سان محبت واري مڃتا ۾ ڪين پڻ تڪليف ڏني وئي ته هو پڻ ساٿ ڏيڻ لاءِ اسٽيج تي اچي ويهن. هن نشست ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، عنايت بلوچ، مرادعلي مرزا، ولي رام ولڀ، ظفرڪاظمي ۽ مظهر يوسف پنهنجا مقالا پڙهيا.

محترم مراد علي مرزا انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ريسرچ لائبريريءَ جي عنوان سان لکيل پنهنجو تحقيقي مقالو پڙهيو. هن پنهنجي مقالي جي پڄاڻي انهن لفظن سان ڪئي ته ”دنيا جي هڪ بيحد ترقي يافته ملڪ ۾ رهندڙ ماڻهوءَ (رضاعلي عابدي) جنهن يورپ ۽ برصغير جي ڪيترن ئي پبلڪ ۽ ذاتي لائبريرين کي ڏٺو آهي ۽ انهن بابت ڪيس پيرائتي ڄاڻ به آهي، ان جي سنڌالاجي ريسرچ لائبريريءَ جي لاءِ راءِ صاف ٻڌائي ٿي ته اسان جو هيءُ علمي ادارو دنيا جي ترقي يافته ملڪن جي اهڙن ادارن سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي بيٺو آهي.“

ناماري محقق ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جي مقالي جو عنوان هو ”سنڌالاجي اسان جي تاريخ ۽ تحقيق جي اميدن جو مرڪز.“ هن صاحب اداري جي ڪارڪردگيءَ تي روشني وجهندي اها راءِ قائم ڪئي ته: ”سنڌالاجي طرفان تحقيق ڪندڙن لاءِ جيڪو مختلف نوعيت جو نهايت قيمتي مواد گڏ ڪيو ويو آهي، ان کي ڏسي اسان بجاطور چئي سگهون ٿا ته سنڌالاجي، اسان جي تاريخ ۽ تحقيق جي اميدن جو مرڪز آهي. هن اداري ۾ اسان جي تاريخ




سنڌالاجي سلور جوبلي تقريبات جي افتتاحي اجلاس جو منظر: اداري جي ڊائريڪٽر محترمه مهتاب اڪبر راشدي، صدر مجلس محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مهمان خصوصي محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي محترم مظهرالحق صديقي اسٽيج تي رونقافروز آهن.



محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا، محترم ڊاڪٽر محمد افضل، محترم حميد سنڌي، محترم عبدالحميد آخوند،
محترمه مريم سلطانه نوحاڻي، سينيٽر جاويد جبار ۽ مسٽر عبدالقادر جوڻيجو مجلس کي خطاب ڪري رهيا آهن.



لوڪ سنگيت محفل ۾ علڻ فقير پنهنجي سحرانگيز آواز سان محفل کي مسرور ڪري رهيو آهي. ماسٽر چندر، مولي ٻائي، ڪنور ڀڳت ۽ استاد خير محمد خان جي تمثيل ۾ الطاف سومرو رابعه سيد، جڳديش ڪمار ۽ ولي محمد ڀٽي محفل کي موهي رهيا آهن.




لوڪ سنگيت محفل جي مهمان خصوصي جناب غلام رباني آگرو، ڊائريڪٽر جنرل اڪيڊمي ادبيات پاڪستان کي، محترمه مهتاب اڪبر راشدي، تقريب جو سووينئر ڏيني رهي آهي. محفل جو صدر جناب مظهرالحق صديقي وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي ساڻن گڏ آهي.



وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي جناب مظهرالحق صديقي، سنڌالاجي جي عملي کي، سندن شاندار منصبي فرائض ادا ڪرڻ جي اعتراف ۾ اعزاز ڏنا. مسٽر عبدالقادر جوڻيجو، مسٽر محمد قاسم ماڪا ۽ مسٽر حسن علي عطار، وي سي صاحب کان تعريفي نشان وٺي رهيا آهن.

جناب صديقي صاحب جن جي تقرير کان پوءِ محفل موسيقيءَ جي خاص مهمان، اڪيڊمي ادبيات پاڪستان جي ڊائريڪٽر جنرل محترم غلام رباني آگري پڻ جامع خطاب ڪيو. هن فرمايو ته سنڌالاجي سنڌ جي ثقافت کي زنده رکيو آهي.

انهيءَ کان پوءِ موسيقيءَ جي تمثيلي محفل جو آغاز ٿيو. هن محفل ۾ جيوڻي ٻائي، ڪنور ڀڳت، سونا خان، ماستر چندر، استاد الهڏني نونارِي ۽ ٻين گذاري ويل موسيقارن ۽ آواز ڏئين جي روپ ۾ ناميارن اداڪارن ڪي اداڪاري ڪرڻي هئي ۽ پس منظر ۾ سندن ڳاتل مشهور ٻول ڏيڻا هئا. اها تمثيلي محفل اڃا زور شور سان هلي تڪميل تي پهتي ته اوچتو اسٽيج جهري پئي. ان ڪري پروگرام کي اڌ ۾ منقطع ڪرڻو پيو.

هي حادثو انهيءَ وقت پيش آيو، جڏهن پنڊال ۾ سنڌ جون نامور ادبي، علمي ۽ ثقافتي هستيون ويٺل هيون. محترم سائين غلام مصطفيٰ شاهه، علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ڊاڪٽر الانا، شاهه لطيف يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ڊاڪٽر آر-اي-شاهه، مهراڻ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ڊاڪٽر عبدالرحمٰن ميمڻ، زرعي يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ڊاڪٽر انصاري، سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر جناب صديقي صاحب، انٽر نيشنل اسلامڪ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر ايم. افضل، ڊاڪٽر تنوير عباسي، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، علامه قاسمي صاحب، ڊاڪٽر جوڻيجو، جناب مظهر يوسف، جناب غلام رباني آگرو، رشيد ڀٽي، عنايت بلوچ، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور، مطلب ته سنڌ جا اڻ ڳڻيا عالم، اديب، شاعر ۽ دانشور موجود هئا. ڪانئن سواءِ سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي، زرعي يونيورسٽيءَ جا استاد ۽ شاگرد به موجود هئا. وڏي ڳالهه اها هئي ته پنهنجي فن جي مظاهري ڪرڻ لاءِ علڻ فقير، روبينا قريشي، عابده پروين، محمد يوسف، وحيد علي، انور حسين وسطڙو ۽ طالب ٻالاري جن به موجود هئا. محترم عبدالڪريم بلوچ پڻ چنگ وڄائڻ لاءِ ڪراچي مان ڪهي آيو هو. ناميارو فلم اسٽار مصطفيٰ قريشي ۽ شفيع محمد شاهه جن به موجود هئا. هي حادثو انهيءَ وقت پيش آيو، پر ڪنهن کي به يقين نه پيو اچي ته ڪا اڻ وڻندڙ ڳالهه ٿي آهي. انهيءَ موقعي تي شاگرد برادريءَ پنهنجي رضاڪارانه صلاحيتن سان اداري جي منتظمين جي مدد ڪئي، ان ڪري ڪنهن به قسم جو نقصان نه ٿيو. البت ڳالهه اڌوري رهجي وئي. موسيقيءَ جي شائقين ۽ آواز جي قدردانن جي دل جون اميدون پوريون ٿي نه سگهيون. پر اهي مهمان پنهنجي علم دوستي، ادب پروري ۽ ثقافت نوازي جو اهو مظاهرو ڪري ويا، جنهن کي پڻ هميشه لاءِ ياد رکيو ويندو.

— ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

حصو ورتو. وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي محترم مظهرالحق صديقي پنهنجي صدارتي تقرير ۾ چيو ته هي ادارا جيڪڏهين اسان کي علم ادب ۽ وطن سان محبت ۽ پنهنجن ادارن ۽ عالمن سان محبت ڪرڻ سيکارين ٿا، ته اسان تي ڪجهه اهڙن کي وڌائڻ ۽ انهن جو مانُ مٿانهون ڪرڻ جا فرض به عائد ٿين ٿا ته، اچو ته گڏجي فبروريءَ ۾ ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ هٿ هٿ ۾ ڏئي ڪم ڪيون. هن اداري، هن مادرِ علمي ۽ هن ٻوليءَ ۽ ادب جي واڌاري لاءِ ڪجهه ڪيون.

٢ فبروري ١٩٨٨ع تي صبح جو ڏهين وڳي ڪانفرنس ۾ دُهل، شرنائين ۽ ڏونڪن جي سرن ۾ٿي سرهاڻ ۾ آيل مهمانن جو آدرڀاءُ ڪيو ويو. مهمانن ۾ سنڌ کان علاوه سموري پاڪستان مان ۽ پرڏيهه مان پڻ عالم، اديب ۽ استاد شريڪ ٿيا. پاڪستان جي سمورين يونيورسٽين جا نمائنده مبصر جي حيثيت ۾ شريڪ ٿيا. جڏهين ته شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جو وائيس چانسلر جناب ڊاڪٽر آر-اي-شاهه، سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر جناب ڊاڪٽر عبدالقادر انصاري (هاڻي وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي)، علامه اقبال اوپن يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ مهراڻ يونيورسٽيءَ جو قائم مقام وائيس چانسيلر ڊاڪٽر عبدالرحمان ميمڻ بذات خود شريڪ ٿيا. شريڪ ٿيندڙ ٻين معزز مهمانن ۾ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محترم تنوير عباسي، ڊاڪٽر جميل جالبي، پروفيسر پريشان خٽڪ، محترم غلام رباني آگرو، محترم محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر محمد نواز طائر، محترمه ڪشور ناهيد، ڊاڪٽر فرمان فتحپوري، محترم حسين شاهه راشدي، ڊاڪٽر درشهوار سيد ۽ ٻين ڪيترن ئي اديبن ۽ دانشورن کان علاوه سمورين اخبارن جا نمائندا، ملڪ جي مڙني ٻولين جي ادبي اڪيڊمين جا نمائندا، سنڌ جي استادن جي تنظيمن جا نمائندا، مبصر جي حيثيت ۾ شريڪ ٿيا. ان کان علاوه سنڌ جي تقريباً سمورن اهم اديبن ۽ شاعرن پڻ شرڪت ڪئي. آمريڪا مان آيل ڊاڪٽر آفتاب قاضي، اٽليءَ مان پروفيسر مسز واليريا، جڏهن ته پاڪستان ۾ متعين انگلنڊ جي رچرڊ هائل به شرڪت ڪئي. ڪانفرنس جو باقاعده افتتاح ڪلام پاڪ جي تلاوت ۽ شاهه جي وائيءَ سان ٿيو. جنهن کان پوءِ ڪانفرنس جي افتتاح ڪندڙ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي اسٽيج تي ويهڻ لاءِ گذارش ڪئي وئي. جڏهن ته ڪانفرنس جي چيئرمن محترم مظهرالحق صديقي ۽ وائيس چيئرمن ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ۽ سيڪريٽري مسٽر محمد قاسم ٻگهئي کي اسٽيج تي اچي ويهڻ جي گذارش ڪئي وئي. افتتاحي اجلاس جي ڪارروائي ڪانفرنس جي سيڪريٽري محترم محمد قاسم ٻگهئي هلائي ۽ سڀ کان اڳ هن ڪانفرنس جو تعارف ڪرايو ۽ تنهن کان پوءِ وائيس چيئرمن طرفان مهمانن جي آجيان ۾ تقرير ڪئي وئي. جڏهن ته استقبالي خطبو ڪانفرنس جي چيئرمن ۽ وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي محترم مظهرالحق صديقيءَ پڙهيو، جنهن ۾ هن ٻڌايو ته هيءَ ڪانفرنس شاگردن، استادن ۽ اديبن جي پرجوش ۽ نيڪ جذبن سان منعقد ڪري سگهيا آهيون. افتتاحي خطبي کان اڳ شاهه لطيف رح کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ هڪ خاص مقالو ڊاڪٽر جميل جالبي



بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس جي افتتاحي اجلاس جو منظر. محترم مظهرالحق صديقي (چيئرمن آرگنائيزنگ ڪميٽي)، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (افتتاح ڪندڙ)، محترم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو (وائيس چيئرمن ڪميٽي) ۽ محترم محمد قاسم ٻگهيو (جنرل سيڪريٽري آرگنائيزنگ ڪميٽي.)



جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جناب مظهرالحق صديقي، جناب ڊاڪٽر جميل جالبي، جناب ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ جناب محمد قاسم ٻگهيو افتتاحي اجلاس کي خطاب ڪري رهيا آهن





ڪانفرنس جي موقعي تي منعقد ڪيل نمائش جو افتتاح علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، ڪري رهيو آهي. ٻئي طرف ظهراڻي دوران اسلام آباد مان آيل ٻه مهمان ڊاڪٽر جميل جالبي ۽ پروفيسر پريشان خٽڪ، ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل سان گڏ.



ڪانفرنس جي پهرئين ڏينهن شام جو "لسانيات" جي موضوع تي جناب سراج الحق ميمڻ ( صدر مجلس)، جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا، جناب ايڇ. ايم. پنهور، رچرڊ هائل، جناب ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، جناب ڊاڪٽر محمد سليمان شيخ، جناب ولي محمد طاهرزادو، محترمه پروين ٽالپر، جناب ڊاڪٽر حيدر سنڌي ۽ محترمه سحر امداد (اجلاس سيڪريٽري) پنهنجا مقالا پڙهي رهيا آهن.



ٻئي ڏينهن (٣- فيبروري ٨٨ع) صبح جو "تاريخ ۽ ثقافت" جي موضوع تي منعقد ڪيل اجلاس ۾ آمريڪا مان آيل سنڌي عالم، ڊاڪٽر آفتاب قاضي (صدر مجلس)، جناب مظهر يوسف، پروفيسر واليريا (اٽلي)، جناب ڊاڪٽر مبارڪ علي، جناب ڪريم بخش خالد، جناب ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل، محترمه نيلوفر شيخ، جناب ڊاڪٽر صاحب خان چنا، جناب تاج صحرائي ۽ جناب اعجاز قريشي (اجلاس سيڪريٽري) خطاب ڪري رهيا آهن.



شام واري اجلاس "تخليقي ادب" ۾ جناب غلام رباني آگرو (صدر مجلس)، جناب تنوير عباسي (مهمان خصوصي)، جناب آغا سليم، جناب ڊاڪٽر اياز قادري، جناب ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، جناب ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، جناب غلام احمد بدوي، محترمه سحر امداد، جناب محمد حسين ڪاشف، جناب ڊاڪٽر شمس الدين عرسائي، جناب بشير احمد شاد، جناب سرجن علي بخش جتوئي، جناب ملڪ نديم، جناب ابو بڪر شيخ ۽ جناب قاضي خادم (اجلاس سيڪريٽري) مخاطب آهن.




ٽئين ڏينهن صبح واري اجلاس "شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح" ۾ پروفيسر علي نواز جتوئي (صدر مجلس)، جناب ڊاڪٽر عبدالواحد هالي پوٽو، جناب تنوير عباسي، محترمه ڊاڪٽر درشهوار سيد، جناب ڊاڪٽر خالد ٽالپر، جناب ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر، جناب ڊاڪٽر غلام رسول بلوچ، جناب فقير محمد لاشاري، جناب بدر ابڙو، جناب غلام نبي سڏايو، جناب شاهنواز سوڍر ۽ جناب ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ (سيڪريٽري اجلاس) مخاطب آهن.



اختتامي اجلاس ڪي جناب ڊاڪٽر غلام علي الانا (صدرمجلس)، جناب مظهر الحق صديقي (چيئرمن آرگنائيزنگ ڪميٽي)، جناب حميد سنڌي، جناب ڊاڪٽر آفتاب قاضي، جناب محمد قاسم ٻگهيو (سيڪريٽري جنرل ڪانفرنس) ۽ رپورٽرس - محترمه سحر امداد، جناب ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ خطاب ڪري رهيا آهن. محترم ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ڪلمات تشڪر ادا ڪيا.

# سنڌي ادبي بورڊ جو خبرنامو

## ( ١-جنوري کان ٣٠-جون ٨٨ع تائين )

● ٢-فيبروري ١٩٨٨ع: علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي طرفان ڪوٺايل ٽي روزه بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي منعقد ڪيل ناياب قلمي نسخن جي نمائش جو افتتاح ڪيو.

● ٢١-فيبروري ١٩٨٨ع: سنڌي ادبي بورڊ، مهراڻ آرٽس ڪائونسل ۽ ڀٽ شاهه ڪلچرل سينٽر ڪميٽي، ڪائونسل جي آڊيٽوريم لطيف آباد ۾ سنڌ جي برک اديب ۽ دانشور جناب رشيد ڀٽيءَ جي ياد ۾ تعزيتي گڏجاڻي منعقد ڪئي، جنهن جي صدارت بورڊ جي چيئرمن علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن ڪرڻ فرمائي.

● ٢٠-مارچ ١٩٨٨ع: جناب حبيب الله صديقي سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ جي عهدي جي چارج سنڀالي، ڪم شروع ڪيو.

● ٧-مارچ ١٩٨٨ع: حضرت قلندر لعل شهباز رح جي سالياني عرس جي موقعي تي، سيوهڻ شريف ۾ سنڌي ادبي ڪانفرنس منعقد ٿي، جنهن جي صدارت محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪئي. سنڌي ادبي بورڊ جي نمائندگي ڪندي، جناب حبيب الله صديقي ان موقعي تي مقالو پيش ڪيو، جنهن جو عنوان هو: ”قلندر لعل شهباز هڪ معلم جي حيثيت ۾.“ ميلي جي موقعي تي منعقد ڪيل نمائش ۾ سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي ڪتابن جو اسٽال پڻ لڳايو.

● ١٣-اپريل ١٩٨٨ع: سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ مرحوم علامه آءِ. آءِ. قاضي رح جي مزار تي بورڊ جي طرفان گل جي چادر چاڙهي ۽ بعد ۾ سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس ۾ منعقد ٿيل تقريب ۾ بورڊ جي نمائندگي ڪندي، سيڪريٽري حبيب الله صديقي صاحب پنهنجو مقالو ”علامه قاضي صاحب-معلم جي حيثيت ۾“ پڙهيو. جلسي جو اهتمام فئڪلٽي آف ايڊيوڪيشن اينڊ ريسرچ سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان ڪيو ويو هو.

● ١٥- اپريل ١٩٨٨ع: بزم طالب المولى طرفان لياري ڪراچي ۾ سنڌي ادبي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن جو افتتاح مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ ڪيو ۽ صدارت پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهه ڪرڻ فرمائي. جناب غلام رباني آگرو مهمان خصوصي هو. ان



چيني اديبن جي وفد، سنڌي ادبي بورڊ جي دوري دوران، بورڊ جي علمي ڪارڪردگي نهايت دلچسپيءَ سان معلوم ڪئي. وفد جي اڳواڻ مسٽر يونان ينگ کي، بورڊ جو چيئرمين، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، مخدوم نوح رحه جو مترجم فارسي قرآن شريف ڏيکاري تفصيل ٻڌائي رهيو آهي. سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر محترمه مهتاب اڪبر راشدي ۽ بورڊ جو سيڪريٽري جناب حبيب الله صديقي ساڻس گڏ آهن.



چيني اديبن جي وفد جو اڳواڻ، سنڌي ادبي بورڊ جي ملاقاتين جي ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات ۽ تحسين جو اظهار چيني ٻوليءَ ۾ لکي رهيو آهي.



بورڊ جو چيئرمن علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب، چيني اديبن جي وفد کي بورڊ جي پرنٽنگ پريس جا مختلف حصا ڏيکاري رهيو آهي.



چيني اديبن جي وفد، بورڊ جي جديد آفسيٽ پرنٽنگ مشينري ۾ گهري دلچسپي ورتي. وفد جا ميمبر، پرنٽ مئنيجر آفسيٽ، مسٽر نور احمد ميمڻ کان ڇپائي، بابت معلومات وٺي رهيا آهن.



بورڊ جو چيئرمن، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب، چيني اديبن جي وفد جي اڳواڻ کي، بورڊ طرفان سنڌي ٽوپي پارائي رهيو آهي.



علامه صاحب، وفد جي ميمبرن ۽ چيني سفارتخاني اسلام آباد جي ٽرڊ سيڪريٽري (ڪلچر) محترمه روشن واجدي کي بورڊ جي تازه ڇپيل ڪتابن جا سيٽ ڏيئي رهيو آهي.



بورڊ جو چيئرمن، علامه قاسمي صاحب، چيني اديبن جي وفد جي اڳواڻ کي سنڌي اجرڪ پارائي رهيو آهي.



سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري جناب حبيب الله صديقي، چيني اديبن جي وفد جي اڳواڻ کان، بورڊ لاءِ تحفو وصول ڪري رهيو آهي. وفد جو سرڪاري ميزبان، جناب غلام رباني آگرو ڊائريڪٽر جنرل اڪيڊمي ادبيات پاڪستان اسلام آباد، بہ نظر اچي رهيو آهي. صديقي صاحب حڪومت سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت کاتي جي سيڪريٽري صاحب جي طرفان بہ تحفن جي ڏي وٺ ڪئي.



مسٽر نصرت حسين ابڙي، ڊئريڪٽر اطلاعات، سکر ڊويزن سنڌي ادبي بورڊ پاران بورڊ جي ڇپيل ڪتابن جا سيٽ مير معصوم شاهہ لئبرري سکر ۽ جنرل لئبرري کي ڏنا. ان موقعي تي ورتل تصوير ابڙو صاحب درميان ۾ بيٺل آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي نمائندگي ڪندي، پير صاحب جي مذڪور ڪتاب جي ڪيترن پهلوئن تي علمي اظهار ڪيو.

● ١١- جون ١٩٨٨ع: موري ۾ گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن (وومين) جي آڊيٽوريم ۾ ڪتاب "موري ماهي ٿورو" (مرتب: محمدمثل ڪمالائي) جي مهاڙ رائيءَ جي تقريب ۾ بورڊ جي نمائندگي ڪندي جناب حبيب الله صديقيءَ تقرير ڪئي.

● ٣٠- جون ١٩٨٨ع: سکر ۾ سنڌ اطلاعات کاتي جي ڊائريڪٽر جناب نصرت حسين ابڙي، مير معصوم شاهه لئبرري ۽ سکر جنرل لئبرري کي بورڊ جا ڪتاب تحفي طور ڏنا، جي بورڊ مٿين ادارن ۽ انفرميشن لئبرري سکر لاءِ موڪليا هئا.

---

# سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپايل نوان ڪتاب

## شايع ٿي ويا:

| | |
|---|---|
| ١- برهانپور ڪي سندهي اولياء | سيد مطيع الله شاهه راشد برهانپوري |
| ٢- جامع سنڌي لغات | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| ٣- مخدوم محمد هاشم ٺٽوي | عبدالرسول قادري بلوچ |
| ٤- سائو پن يا ڪارو پنو | شمس العلماء مرزا قليچ بيگ |
| ٥- بلوڪوڪر | صاحب سنگهه چنداسنگهه شهاڻي |

## قريب اشاعت:

| | |
|---|---|
| ١- حڪيم فتح محمد سيوهاڻي (شخصيت، علمي، ادبي ۽ سياسي خدمتون) | ڊاڪٽر شمس عباسي |
| ٢- تاريخ طاهري | مير طاهر محمد نسياڻي<br>ايڊٽ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ<br>سنڌيڪار: نياز همايوني |
| ٣- تاريخ ريگستان (ٻئي ڀاڱا) | رائچند راٺوڙ |

محل.

واقف منازل طريقت كاشف مراحل حقيقت رهنماي مسالكان گزيده سبحان فقير صاحب صوفي صاحب دام محبته

بعد حمد و صلواة مخفي نرهي ته آنجي نوشته جو روبرو احوال من و غيره من
كندو مهرباني كري پڇيو ته اسان تو وانگي سڀ جاءِ جي المعتمد و غائبانه
سعيد كندا اوهانجي ته تيلي آهي پر پهنجي معتقدن ۾ پوا خواهش به دوستن
جو به بار اوهانتي آهي مهرباني كري سرگرم هن كم ۾ ٿيندا

دع نفسك و تعال

اوهانجي جيڪي لکڻ سو تورو ٿيندو مگر اوهين بي تورو کندو ڳهڻون جيبر
جو فيض وارو آهي آمنها سپردم بتو مايه خويش را تو داني حساب كم
و بيش را از زياده دعاءِ سحري ۾ پرتا رهون والسلام شوق (تمام)

اپريل ١٩١٦ عبدالحسين خان

پريس ... حيدرآباد سنده

سنڌ جي باڪمال عالم ۽ جديد سنڌي شاعريءَ جي باني

# مير عبدالحسين خان سانگي

## جا هٿ اکر

(ٿرپار ڪر جي بزرگ، صوفي حاجي محمد رحه ڏي لکيل خط. بشڪريه: صوفي فتح علي، صوفي فقير.)

سنڌي ادبي بورڊ آفسيٽ پريس ۾ ڇپيو